مسلمان جي حيثيت ۾
منهنجي ذميواري

حڪمتِ قرآن اِنسٽيٽيوٽ

مسلمان جي حيثيت ۾

منهنجي ذميواري

حڪمتِ قرآن اِنسٽيٽيوٽ

جامع مسجد رباني، هاءِ وي ڪالوني،

اسڪيم ـ 33، نزد جمالي پُل، ڪراچي ايسٽ

فون: 0313_2707097

ڪتاب جو نالو: مسلمان جي حيثيت ۾ منهنجي ذميواري

پهريون ڇاپو: 2020ع
ڪمپوزنگ: عبدالله جروار
ڇپيندڙ: ذڪي سنز پرنٽرس، ڪراچي
ڇپائيندڙ: حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ، ڪراچي
قيمت: =/30 رپيا

دعوتي سلسلي جا ڪتابڙا

(1) الله رحمان ۽ رحيم آهي (2) دعوت الي الله (3) منهنجو قرآن تي عمل پورو يا اڌورو؟ (4) هڪ مسلمان جي لاءِ محبت ۽ دوستيءَ جو معيار (5) مسلمان جي حيثيت ۾ منهنجي ذميواري (6) ڪير آهي جو الله کي قرض ڏئي؟ (7) قرآن سمجهي پڙهڻ لازم آهي (8) الله تي ايمان جون عملي صورتون

هي ڪتابڙا ڇپائڻ جي اجازت آهي. سرنديءَ وارن ماڻهن يا مسجد انتظاميہ جي پاران نمازين ۽ پاڙيوارن ۾ تقسيم ڪرڻ سان دعوت جي وڏي ديني سرگرمي سرانجام ڏئي سگهبي. ان مقصد جي لاءِ ڪنهن بہ موضوع جا هڪ سؤ ڪتابڙا هڪ هزار رپين ۾ هيٺين هنڌن تان ملي سگهندا.

اسٽاڪسٽ

- سنڌيڪا اڪيڊمي B-24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي74400. فون: 021-32737290
- سنڌيڪا بوڪ شاپ: شاپ نمبر5، ميزنائين فلور، حيدرآباد ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ، 03133692150
- سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديہ پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 03352233803- 03013431537
- سنڌيڪا بوڪ شاپ، جي پي او روڊ پوسٽ آفيس پنيان لاڙڪاڻو فون: 03313480039

رابطي لاءِ:

حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ

جامع مسجد رباني، هاءِ وي ڪالوني،
اسڪيم-33، نزد جمالي پُل، ڪراچي ايسٽ
فون: 0313-2707097

فهرست

پيش لفظ

جيڪڏهن اسان پنهنجي معاشري تي نظر وجهون ته ڏسڻ ۾ ايندو ته عورتون رڳو گهر ۽ ٻارن جي ذميوارين کي اهم سمجهي نه قرآن ۽ دين جي ڄاڻ حاصل ڪن ٿيون ۽ نه ئي وري ان جي لاءِ ڪا ڪُٽني يا ڪوشش ڪن ٿيون. ٻئي پاسي مرد وري نوڪري يا ڪاروبار ڪري سمجهن ٿا ته اسان پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري ڇڏيون. دين جو علم حاصل ڪرڻ يا الله تعاليٰ جي پيغام کي ٻين انسانن تائين پهچائڻ اسان جي ذميواري ئي نه آهي. نوجوان طبقي کي ڏسو ته انهن جي زندگيءَ جو مقصد رڳو پنهنجي لاءِ ڪا ڪرت (Career) ڳولڻ آهي. قرآن ڪريم جو علم حاصل ڪرڻ لاءِ انهن وٽ نه ڪا واندڪائي آهي ۽ نه ئي اهميت جو ڪو احساس. ويچار ڪري ڏسو ته انهن سمورن ماڻهن قرآن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ الله تعاليٰ جي پيغام کي اڳتي پهچائڻ جي ذميواري رڳو مسجد جي پيش امامن، ديني عالمن ۽ مفتين سڳورن تي وجهي ڇڏي آهي ۽ پاڻ بي فڪر ٿي ويا آهن. جيڪڏهن سيئي انهيءَ اهم ذميواري کٽڻ کان ڪنڌ ڪڍائي ويندا ته پوءِ وچٽري امت هئڻ جي حيثيت ۾، حق واري پيغام کي اڳتي پهچائڻ جي ذميواري ڪير کڻندو؟ الله تعاليٰ جي دين جو علم حاصل ڪرڻ، ان کي اڳتي ماڻهن تائين پهچائڻ ايتري ته اهم ذميواري آهي جنهن بابت آخرت ۾ اسان کان سوال ٿيندو. اهو ڪم ايترو ئي اهم آهي جيترو نماز، روزو، زڪوات ۽ حج ادا ڪرڻ ضروري آهي.

جيڪڏهن اسان رسول اللهﷺ جن جي مبارڪ زندگيءَ تي نظر ڦيرائي ڏسنداسين ته دنيا جي اهم شعبن مان ڪو اهڙو ڪم نه آهي جيڪو رسول اللهﷺ جن نه ڪيو هجي. پاڻ سڳورن واپار به ڪيو، جنگيون به وڙهيا، گهروارين ۽ ٻارن جا حق به ادا ڪيا ۽ گڏوگڏ قرآن جو علم به ٻين تائين پهچايو ۽ ان جي تبليغ ۾ پنهنجي سموري مبارڪ ڄمار لڳائي ڇڏي. پاڻ سڳورنﷺ تمام ئي عمدي تناسب سان دين ۽ دنيا، ٻنهي جو حق ادا ڪيو. سو، ياد رکو ته پاڻ سڳورنﷺ جن جي مبارڪ نموني کي سامهون رکندي اسان الله تعاليٰ اڳيان آخرت ۾ ڪهڙو بهانو نٿا ڪري سگهون ته اي الله! اسان وٽ قرآن پڙهڻ ۽ ان کي اڳتي پهچائڻ جو وقت ئي نه هو.

سوچيو! اسان جي معاشري ۾ جيتريون به برايون، بي حيائيون ۽ گناهه سرعام ٿي رهيا آهن، انهن کي ڏسي ڇا اسان جي دل ۾ ڪڏهن ڪا مونجهه، بي چيني يا بيقراري پيدا ٿي آهي ته ڪيئن مان انهن گناهه وارن ڪمن کي پنهنجي گهر، ڪٽنب، پاڙي ۽ معاشري مان ختم ڪريان؟ جيئن رسول اللهﷺ جن محسوس ڪندا هئا. پاڻﷺ جن جي باري ۾ قرآن ڪريم شاهدي ڏني ٿو:

لَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفْسَكَ أَلَّا يَكُونُوا مُؤْمِنِينَ ﴿الشعراء: 3﴾

"(اي محمدﷺ) متان تون پاڻ کي هن سببان هلاڪت ۾ وجهي ڇڏيندين ڇا ته اهي

(ڪافر) مسلمان نٿا ٿين.“

رسول الله ﷺ جن ماڻهن جا ايترو ته خيرخواهه هئا جو جڏهن ماڻهو ايمان نه پيا آڻين ۽ الله تعاليٰ جي پيغام کي نه پيا مڃن ته پاڻ ﷺ جن سندن اهڙي حال تي ڏکارا ٿي ويندا هئا. جيڪو به ماڻهو وٽن ايندو هو ته پاڻ ان جي لاءِ خواهش ڪندا هئا ته ڪيئن مان ڪيس جهنم جي عذاب کان بچائي وٺان ۽ الله تعاليٰ جي ڳالهه سندس دل ۾ ويهاريان. آخرڪار سندن انهيءَ بيچيني ۽ بيقراريءَ رنگ لاتو ۽ سندن دعوت ۽ تبليغ جي نتيجي ۾ سموري عرب ۾ اهڙو ته انقلاب اچي ويو جو سمورو عرب سندن ﷺ وفات کان اڳ ئي اسلام جي پاڇي هيٺ اچي ويو.

اسان مسلمانن کي خير امت جو مرتبو صرف هن بنياد تي ڏنو ويو آهي ته اسان ماڻهن کي چڱاين جو حڪم ڏيون ۽ چڱاين جي طرف سڏيون، مَداين کان وري روڪيون ۽ روڪڻ لاءِ ٿيندڙ ڪوشش جا ڀانهن ڀيلي ٿيون. جيڪڏهن ائين نٿا ڪيون ته پوءِ خير امت جو منصب سنڀاليندڙ نه ٿي سگهندا سين ۽ اها وڏي محرومي آهي.

الله تعاليٰ کان دعا آهي ته هو اسان سيني مسلمانن ۾ ٻين مسلمانن جي لاءِ به اهڙو ئي خيرخواهيءَ وارو جذبو پيدا ڪري ۽ انهيءَ اهم حقيقت کي سمجهڻ جي توفيق عطا ڪري ته اسان مان هر انسان مٿان، پوءِ اهو مرد هجي توڙي عورت، انفرادي تبليغ عين فرض آهي ۽ انهيءَ ذميواريءَ کي پورو نه ڪرڻ جو نقصان اسان کي هن دنيا توڙي آخرت واري زندگيءَ ۾ ڀوڳڻو پوندو.

اسان رڳو پنهنجي گهر کي چمڪائي صاف ڪري آجا نٿا ٿي سگهون، ڇو جو جيڪڏهن اسان جي گهٽي ۽ پاڙو خراب آهي ته اسان ڀلي ڪيترو به پنهنجي گهر کي اڇو اجرو رکون، اوڙي پاڙي جي گندگي ۽ ڪن ڪچرو اسان جي گهر ۾ به داخل ٿي ويندو. انهيءَ ڪري ڪرڻ جو ڪم هيءُ آهي ته گناهن ۽ برائين کان اسان کي پنهنجي گهر کي به انفرادي طور تي پاڪ ۽ صاف رکڻو آهي ۽ گڏيل طور تي به معاشري مان برائين کي ڀنجو ڏيڻو آهي. جيئن حديث پاڪ ۾ اچي ٿو:

> ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: ”جيڪو ماڻهو توهان مان ڪنهن برائيءَ کي ڏسي ته ان کي گهرجي ته هو ان کي پنهنجي هٿ سان روڪي. جيڪڏهن (هٿ سان روڪڻ جي ڪيس) سگهه نه آهي ته زبان سان ان کي بدلائي ۽ جيڪڏهن اها به سگهه نه هجيس ته پوءِ دل ۾ ان کي خراب سمجهي. (يعني انهيءَ برائيءَ جي پکڙجڻ تي دل ۾ ڏک پيدا ٿئيس) ۽ هي ايمان جو سڀ کان ڪمزور درجو آهي.“ (مسلم)

الله تعاليٰ کان دعا آهي ته هن ڪتابڙي وسيلي اسان جي دلين کي قرآن ڪريم کي سمجهي ڪري پڙهڻ، ان کان پوءِ هن حق واري پيغام کي اڳتي الله جي ٻانهن تائين پهچائڻ جي توفيق عطا فرمائي. ائين جڏهن اسان سندس دربار ۾، سندس اڳيان حاضر ٿيون ته ان ڳالهه تي عزت ۽ مرتبو حاصل ڪريون ته دنيا ۾ پنهنجي وس آهر اسان پنهنجو فرض نڀائي چڪا آهيون. (آمين)

سمجهڻ جون ڳالهيون

امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر، اصل ۾ منهنجي ۽ توهان جي ذميواري آهي. "امر" جي معنيٰ آهي "حڪم ڏيڻ" ۽ "بالمعروف" جي معنيٰ آهي "نيڪيءَ جو، ماڻهپي جو ۽ انساني ڀلائين جو." اهڙي طرح "نهي" جي معنيٰ آهي "روڪڻ" ۽ "عن المنڪر" جو مطلب آهي برائين کان. يعني نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻ ۽ برائين کان روڪڻ اسان جو فرض آهي ۽ اها اسان جي اهم ذميواري آهي.

قرآن ڪريم ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَكَذَٰلِكَ جَعَلْنَاكُمْ أُمَّةً وَسَطًا لِّتَكُونُوا شُهَدَاءَ عَلَى النَّاسِ وَيَكُونَ الرَّسُولُ عَلَيْكُمْ شَهِيدًا ﴿البقرة: 143﴾

"ايئن اسان توهان کي وچٿري امت بڻايو سون تہ جيئن توهان دنيا جي ماڻهن تي شاهد هجو ۽ رسول ﷺ توهان جي مٿان شاهد هجي."

هن آيت سڳوريءَ ۾ سڀ کان پهريان تہ اسان ان ڳالھ تي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪريون تہ هن اسان مسلمانن کي ڪيترو نہ اوچو مرتبو عطا ڪيو. تمام ئي وڏي ڀاڳن واري ڳالھ آهي تہ الله تعاليٰ امامت جو مرتبو اسان مسلمانن جي حوالي ڪيو. هيءَ آيت انهيءَ ڳالھ تي دلالت ڪري ٿي.

جتي اسان کي ايترو وڏو مرتبو عطا ٿيو، اتي اسان کي انهيءَ ذميواريءَ واري مرتبي کي بہ سامهون رکڻ گهرجي. انهيءَ ذميواريءَ کي سمجهڻ لاءِ سڀ کان پهريان اسان وچٿري امت جي معنيٰ تي ويچار ڪريون ٿا:

وچٿري امت جو مطلب آهي:

- وچٿري امت (يعني گهاٽي واڌي کان پاڪ)
- متوازن (Balanced)

وچٿري امت:

وچٿري اُمت جو هڪڙو مطلب هيءُ آهي تہ هزارين سالن جي انساني سفر جي تجربن ۽ انهن کي ڏنل تعليم جو نچوڙ ۽ آخري ايڊيشن هن امت کي سپرد ٿيو آهي، جنهن سان هي امت سڄي انسانيت جي لاءِ مثال ۽ آئيڊيل بڻجي، ان جي آخري ڪتاب (جنهن ۾ هدايت ۽ رهنمائيءَ جون ڳالهيون کولي کولي ڏنيون ويون آهن) کي سڄي انسانيت تائين انهن جي ٻولين ۾ ڪين پهچائي.

تنهن ڪري جتي هن مٿاهين مرتبي تي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي، اتي هن تمام اهم ذميواريءَ کي پورو ڪرڻ جي بہ ضرورت آهي. جيڪو بہ انهيءَ مرتبي کي پنهنجي لاءِ خدائي نعمت سمجهندو، سو ئي انهيءَ ذميواريءَ کي بہ ياد رکندو.

ذميواري ادا نہ ڪرڻ جو نقصان

هيءَ ذميواري ڪيئن نڀائڻي آهي؟ قرآن جي ذريعي. قرآن جي تعليم کي حاصل ڪرڻو ۽ پوءِ ان کي ماڻهن تائين پهچائڻو آهي. ان سان گڏوگڏ پاڻ بہ قرآن جي تعليم موجب پنهنجي قول ۽ عمل سان شاهدي ڏيڻي آهي. پر افسوس جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ جيڪڏهن اسان مسلمانن اڄ هن ذميواريءَ جو حق ادا ڪيو هجي ها تہ دنيا ۾ اخلاقي برائيون عام نہ ٿين ها ۽ اسلام اڄوڪي غريبيءَ واري حالت ۾ نہ هجي ها. اڄ اسان مسلمان جنهن خواريءَ جو شڪار ۽ هار کاڌل آهيون تہ ان جو سڀ کان وڏو سبب اهو ئي آهي تہ اسان پنهنجي ذميواريءَ کي پنهنجي حق سان نہ نڀايو آهي.

ذميواري ڇو نا هي نڀائي؟

جيڪڏهن اڄ اسان انفرادي طور تي پنهنجو پاڻ کان هيءُ سوال ڪريون تہ ڇا اسان ماڻهن تائين الله تعاليٰ جو پيغام پهچايو آهي؟ تہ ٻڌايو تہ اسان مان ڪيترا ماڻهو انهيءَ دعويٰ ۾ سچا ثابت ٿيندا؟ تمام ئي ٿورڙا ماڻهو.

جيڪڏهن اسان ان جو سبب ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪريون تہ اسان کي خبر پوندي تہ اسان تہ اڃان پنهنجو پاڻ ئي اسلام تي پوريءَ طرح عمل ناهي ڪيو. اڃا تہ اسان پاڻ ئي فائدي ۽ نقصان جي ڳولا ڪري رهيا آهيون پنهنجي مرضيءَ جا اصول ٺاهي پوءِ انهن ۾ جاچيندا آهيون تہ مون کي الله تعاليٰ جو فلاڻو حڪم مڃڻ گهرجي يا نہ، يا مان هينئر فلاڻي حڪم تي عمل ڪريان يا رڪجي وڃان. ڇو نہ مان حج ڪري وٺان، ان کان پوءِ ڪنهن وڏي انساني ۽ ديني ڪم لاءِ سوچيندس، ڇونہ منهنجي عمر ٿوري اڃا بہ وڌي وڃي پوءِ عمل ڪندس! سو هينئر تہ اسان پنهنجي سر پاڻ ئي اسلام جي حڪمن تي عمل ڪرڻ کان پاسيرا لڳا پيا آهيون تہ پوءِ اسان ٻين کي ڪيئن خدائي حڪمن تي عمل ڪرڻ لاءِ اپاري سگهون ٿا؟ اڃا تہ پاڻ ئي شڪ شبهي جو شڪار آهيون تہ ڪيئن انهيءَ بي يقينيءَ واري ڪيفيت ۾ رهندي ٻين کي اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيڻ جي دعوت ڏئي سگهون ٿا؟ سوچڻ جي ڳالهہ آهي.

اسان جي اوليت

ان جي برخلاف جيڪڏهن اسان پنهنجو جائزو دنياوي نقط نگاهہ سان وٺون تہ اسان جو سمورو ئي وقت دنيا جي لاءِ وقف ٿي ويو آهي. اسان جي زندگي ان لاءِ ئي ختم ٿي رهي آهي، سڀ سرمايو ان تي ئي خرچ ٿي رهيو آهي. پنهنجو پاڻ کي دنيا ڪمائڻ ۾ ئي لڳائي ڇڏيو آهي. اسان پنهنجو پاڻ کان ڪڏهن پڇي تہ ڏسون تہ چوويهن ڪلاڪن مان اسان ڪيترو وقت ديني ڪمن لاءِ خرچ ڪريون ٿا؟ قرآن پاڪ جي سمجهڻ ۽ ان کي ڦهلائڻ لاءِ ڪيترو وقت ڪيون ٿا؟ اسان کي پاڻ ئي اندازو ٿي ويندو تہ اسان ڪٿي بيٺا آهيون. اسان جي اوليتن ۾ دين يا تہ شامل ئي نہ آهي پر جي هوندو بہ آهي تہ سڀ کان آخري درجي ۾. هاڻي جڏهن دنيا کي دين تي اوليت ڏئي ڇڏيون تہ پوءِ ان جو لازمي نتيجو اهو ئي نڪرندو تہ انسان جي سموري زندگي دنيا لاءِ ئي ڳري ويندي. انسان جون جيڪي اوليتون (Priorities) هونديون آهن، سي ئي سندس زندگيءَ جو محور هونديون آهن ۽ انسان ان جي چوڌير ئي ڦرندو رهندو آهي.

دين ڏانهن سڏڻ تي اسان جو رد عمل

هاڻي جڏهن ڪنهن به پاسي کان دين ڏانهن سڏيو وڃي ٿو ته اسان کي سمجهه ۾ ئي نٿو اچي ته هن دين ويچاري لاءِ ڪيئن وقت ڪڍون؟ سمورو وقت ته دنيا جي لاءِ ناهي وِرهائي ڇڏيو آهي، تنهن ڪري اسان کي هڪ ئي جواب سمجهه ۾ اچي ٿو ته "معاف ڪجو، هن ڪم لاءِ مون وٽ وقت ناهي. (Sorry, I have no time for it) اسان وٽ وقت ته ناهي، پر ان ڳالهه ۾ به ڪو شڪ نه آهي ته اسان سڀئي اهو ئي گهرون ٿا ته دين جي ڳالهه به مٿي هجي. پر اهو سڀ ڪجهه ڪيئن ٿيندو؟ ته ان لاءِ اسان وٽ جواب هوندو آهي: "پاڻ ئي سڀ ڪجهه ٿي ويجي، اسان کي ڪجهه ڪرڻو ئي نه پوي!" پر ايئن ته ممڪن ئي نه آهي. دنيا جو معاملو ته ايئن ئي آهي ته ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ محنت ڪرڻي پوندي آهي. پنهنجو وقت سيڙائڻو پوندو آهي، پنهنجو مال خرچ ڪرڻو پوندو آهي، تڏهن وڃي ڪجهه نه ڪجهه پلئه پوندو آهي. هاڻي سوچڻ جي ڳالهه آهي ته جڏهن ويڻي ويڻي زندگيءَ جو معيار به مٿاهون نٿو ٿي سگهي ته اسان اها ڳالهه ڪيئن سمجهي ورتي ته اسان ڪجهه به نه ڪريون ۽ اسلام جو دنيا ۾ مان مٿاهون ٿئي؟ سو سمجهي ڇڏيو ته اڄ جيڪڏهن اسان اسلام جو عروج ڏسڻ گهرون ٿا ته اهو مقصد اسان کي گهر ويٺي حاصل نه ٿيندو. الله تعاليٰ هن دين بابت اسان سڀني کان پنهنجي پنهنجي درجي (level) جي حساب سان حساب ڪتاب (accountability) ضرور ڪندو.

فضيلت تي فخر پر ذميواريءَ کان پاسيرو

اڄ اسان سڀني جو حال هيءُ آهي ته اسان کي فضيلت واري امت هئڻ جي ڳالهه ياد آهي: مثال طور هيءُ ته بني اسرائيل کي معزول ڪري امامت جو تاج اسان کي پهرايو ويو ۽ هيءُ ته اسان محمد ڪريم ﷺ جا امتي آهيون ۽ آخرت ۾ نبي ڪريم ﷺ جن اسان جي سفارش ڪرڻ فرمائيندا. پوءِ انهيءَ سوچ جي بنياد تي اسان عملي طور تي ڪيترو ثابت ڪري رهيا آهيون ته اسان دين جي لاءِ پنهنجي صلاحيتن کي ڪتب آڻيون ۽ ان ۾ پنهنجو وقت خرچ ڪريون. قرآن الله جو ڪتاب پيغمبر ﷺ کان پوءِ اسان امت جي حوالي ٿيو ته ان کي سڄي دنيا جي ماڻهن تائين پهچائينداسون پر اسان جي حالت اها آهي ته اسان پنهنجي پيارن ۽ مٽن مائٽن تائين به قرآن پهچائڻ جون ڪوششون نه ورتيون آهن. سورة الفرقان ۾ الله تعاليٰ آخرت جو نقشو چٽيندي ٻڌائي ٿو ته نبي اڪرم ﷺ اهڙن ماڻهن جي باري ۾ چا چوندا جن الله تعاليٰ جي ڪتاب کي ڪا اهميت نه ڏني، نه ان کي سمجهيو ۽ نه عمل ڪيو ۽ نه ان کي ڦهلايو:

وَقَالَ الرَّسُولُ يَارَبِّ إِنَّ قَوْمِي اتَّخَذُوا هَٰذَا الْقُرْآنَ مَهْجُورًا ﴿الفرقان: 30﴾

"۽ رسول چوندو: اي منهنجا پالڻهار! منهنجي قوم هن قرآن کي ڇڏي ڏنو هو."

سو جيئن اسان منڍ ۾ سورة البقره جي آيت 143 جي حوالي سان بيان ڪيو، جنهن جو هڪ ڀاڱو هي به هو ته رسول الله ﷺ جن توهان تي شاهد هوندا. رسول الله ﷺ جن ته سچ ٻڌائيندا ته منهنجي هن قوم قرآن کي ڇڏي ڏنو هو (هيءَ ته ڪن ٻين ڪمن ۾ مست ٿي وئي هئي) سو ضروري

آهي تہ اسان پاڻ بہ ٿورو پنهنجي حالت مٿان ويچاريون تہ ڇا اسان پنهنجو پاڻ کي انهيءَ معيار وارو بڻايو آهي جو اسان جا نبي اسان جي سفارش ڪندا؟ هو تہ اڃا بہ اسان جي شڪايت ڪندا!

الله جي اڳيان جوابدار

رسول اللهﷺ جن تہ اها شاهدي ڏيندا ۽ اسان جيڪا وچٿري امت آهيون، سي ماڻهن تي ڪهڙي شاهدي ڏينداسين؟ ڇو جو سورة البقره جي آيت 143 ۾ بہ بيان ٿيو آهي تہ اسان ماڻهن مٿان شاهدي ڏينداسين. ان وقت اسان وٽ ان ڳالهہ جو ڪهڙو جواب هوندو، جڏهن الله تعاليٰ اسان کان پڇندو تہ توهان ڪيترن ماڻهن تائين دين جو پيغام پهچايو هو؟ تہ سوچڻ جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ اسان وٽ ان وقت ڪهڙو جواب هوندو؟ ڇا اسان اهو چئي سگهنداسين تہ "الله سائين معاف ڪجو (sorry)! اسان وٽ وقت ئي ڪونہ هو،" يا هيءُ تہ "مان تہ پنهنجي ڏنڌي ۾ مست هئس، مون کي تہ خبر ئي نہ آهي تہ توهان جي طرفان منهنجي مٿان ڪا ذميواري بہ آهي." يا هيءُ تہ "اسان تہ دنيا واري زندگيءَ کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهندا رهيا سين، انهيءَ ۾ مست رهيا سين، انهيءَ مان مزا ماڻيندا رهياسين، اسان کي تہ خبر ئي نہ پئي!" تہ ڇا انهن جوابن سان اسان پنهنجي بي عمليءَ جو ڪو جواز ثابت (justify) ڪري سگهنداسين؟ ڇا انهن جوابن سان اسان ڇُٽي وينداسين؟ ڪڏهن بہ نہ!

دين نافذ ڪرڻ ڪنهن جي ذميواري؟

اسان پنهنجي هن سوچ سان پاڻ مٿان ظلم ڪيو آهي تہ اسان سمجهندا آهيون تہ دين کي نافذ ڪرڻ جي ذميواري رڳو دينردار طبقي مٿان آهي. اسان پنهنجي عالمن سڳورن ۽ مفتي صاحبن تي هيءَ ذميواري وجهي، ڪنڌ ڪڍائي نڪري ويندا آهيون تہ اسان جا عالم سڳورا ۽ مفتي صاحب وڃن ۽ وڃي دين جي دعوت بہ ڏين ۽ دين کي نافذ بہ ڪن. جيڪڏهن ڪٿي قرآني حڪمن کي عملي طور بگاڙيو ويندو هجي يا ان جي حڪمن کي لتاڙيو ويندو هجي تہ اسان انهيءَ ڳالهہ کان بلڪل ئي بي تعلق ٿي ويندا آهيون. اهڙي وقت ۾ اسان کي ان ڪري ڪا بہ تڪليف ناهي ٿيندي، اسان جي منهن جو رنگ ان ڪري غيرت ۾ ناهي بدلبو جو اسان امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جي ذميواريءَ کي پنهنجي ذميواري سمجهون ئي ڪونہ ٿا. اسان جي سوچ هيءَ آهي تہ مان سچ ڳالهائي ڇو پاڻ کي ڏنو ڪيان! اڳيان ڪو بي سمجهہ نہ آهي، ڪيس بہ سڀ خبر آهي تہ ڇا صحيح آهي ڇا غلط آهي! اهڙي قسم جا ڪيترائي وسوسا دل ۾ وجهي شيطان اسان کي مطمئن (complacent) ڪري ڇڏي ٿو.

اسان سمجهون ٿا تہ ڏيڍ ارب مسلمانن جي ذميواري جيڪڏهن بہ ٽي سئو ماڻهو پوري ڪن تہ باقي سمورن مسلمانن تان اها ذميواري لهي ويندي! بلڪل نہ. اها اسان جي غلط سوچ آهي. امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر واري ذميواري تہ هر هڪ مسلمان مٿان لازم آهي. ٻين لفظن ۾ اهو فرض عين آهي، جڏهن تہ اسان ان کي فرض ڪفايہ سمجهي اطمينان سان ويهي رهيا آهيون.

انسانيت جي لاءِ پلاين ۽ سڃاڻپ وارو هي دين اسان کي پنهنجي عملي ڪردار ۽ ڪوشش سان متعارف ڪرائڻو هو. ان لاءِ اسان پنهنجي ڪردار ۽ ڪوشش جو جائزو وٺون تہ

اسان الله جي سپرد ڪيل ذميواريءَ کي ڪيترو نڀايو آهي. جڏهن آخرت ۾ اسان کان انهيءَ باري ۾ پڇا ڳاڇا ٿي ته ان جي جواب لاءِ اسان جي ڪيتري تياري آهي؟ اسان اسلام جي سربلنديءَ کي ڪو اڪيلو ڪلهو نٿا ڏئي سگهون پر ان لاءِ فڪرمندي ۽ پنهنجي حصي جي جاڪوڙ روزاني زندگيءَ ۾ ڪري سگهون ٿا. اسان کي بس رڳو اهو ڏسڻو آهي ته آخرت ۾ منهنجو نالو اسلام کي مٿاهون رکڻ لاءِ جاکوڙڻ وارن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو ويندو يا نه.

جيئن هڪ روايت ۾ اچي ٿو ته جڏهن ابراهيم عليه السلام کي باهه ۾ وڌو پيو ويو ته هڪ جهرڪي پنهنجي چهنب ۾ پاڻي ڀري انهيءَ باهه تي هارڻ لڳي، ته ڪنهن کيس چيو ته تنهنجي چهنب وارو اهو پاڻي باهه کي ڪيتي وسائي سگهندو؟ ته انهيءَ جهرڪيءَ جواب ڏنو ته گهٽ ۾ گهٽ منهنجو نالو باهه وسائڻ وارن ۾ شامل ته ٿيندو.

سو بس، اسان کي به انهيءَ ئي سوچ سان اڳتي وڌڻ جي ضرورت آهي. پنهنجي صلاحيتن کي، پنهنجي وقت کي، پنهنجي مالن کي، پنهنجي جانين کي، ايتري تائين جو پنهنجي اولاد کي به اسلام کي مٿاهون رکڻ واري مقصد جي حصول لاءِ لڳائڻو آهي. ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته اسان سمورا تمام گهڻو هيٺا آهيون، ڪجهه به نه آهيون. پاڻ سڳورن ﷺ جن جي مِشن (mission) کي پاڻ ڪريم ﷺ جن وانگر اڳتي نٿا وڌائي سگهون، پر پاڻ ڪريمن ﷺ حجة الوداع جي موقعي تي امت کي آخري خطاب ۾ چيو هو ته مان خدا جو پيغام اوهان تائين پهچايو آهي ۽ هاڻي اها ذميواري اوهان جي مٿان آهي ته پويان ايندڙن کي الله جو دين پهچايو. ان ڪري هڪ هڪ وک ئي سهي پر پنهنجي پنهنجي سگهه موجب ڪڻڻي ضرور آهي. ڪهڙي اميد سان؟ انهيءَ اميد سان ته ٿي سگهي ٿو ته منهنجي حياتيءَ ۾ اسلام ايترو اوج حاصل ڪري نه سگهي، مان شايد ان کي مٿاهين سطح تي نه ڏسي سگهان، پر انشاءَ الله اڳتي هلي هڪ نه هڪ ڏينهن ضرور اسلام جو قلعو سگهارو ٿيندو. ان کي ضرور اوج نصيب ٿيندو.

وري اڳتي وڌڻ جي لاءِ هي به ضروري آهي ته اسان کي ٻين ڏانهن ناهي ڏِسڻو. اسان کي رڳو پنهنجي ڪوشش تي نظر رکڻي آهي. اسان کي اهو ناهي سوچڻو ته رڳو مان اڪيلي ئي هيءُ ڪم ڇو ڪريان، ٻيا ڇو نه پيا ڪن؟ اها سوچ اسان کي بي همٿ (demolarize) ڪري ڇڏيندي. اسان جي سوچ هيءَ هئڻ گهرجي ته مان اهو سڀ ڪجهه ان لاءِ ڪري رهيو آهيان ته هيءَ منهنجي ذميواري آهي. مون کان انهيءَ باري ۾ سوال ٿيندو. الله تعاليٰ هيءُ ڪم منهنجي حوالي ڪيو آهي، سو مون کي الله تعاليٰ جو راضپو حاصل ڪرڻ لاءِ هيءُ ڪم ڪرڻو آهي. انهيءَ سوچ سان جڏهن اسان اڳتي وڌنداسين ته اسان کي ڪنهن جي به شاباس يا ڪنهن جي به شڪرگذاريءَ سان ڪو مطلب نه هوندو ۽ ائين اسان جون نِيَتُون نج الله تعاليٰ جي راضپي سان واڳيل رهنديون ۽ هڪ لاٽ مان ٻي لاٽ ٻرندي، ائين ڪيتريون ئي لاٽون ٻري دنيا کي روشن ڪري ڇڏينديون.

بي عمليءَ جو اثر

وري هڪ ٻي ڳالهه به سمجهڻ جي ضرورت آهي ته جيڪڏهن اسان دين جي لاءِ وقت نه ڪڍيو: نه قرآن پڙهيو، نه سکيو، نه انهيءَ پيغام کي اڳتي وڌايو ته سمجهي ڇڏيو ته اسان جي ذاتي زندگين ۾ به انهيءَ جو ٻچڙو اثر ظاهر ٿيندو. اسان جون پنهنجون زندگيون به بگڙي وينديون. الله تعاليٰ جي عبديت ۾ رهڻ لاءِ اسان کي هڪ نظم گهرجي، ڇڙواڳيءَ سان اسان

خدا جا پسند پيل ٻانها نٿا بڻجي سگهون. تنهن ڪري اسلام ڪان پڇڻ جي ڪوشش نه ڪريون، پر ضروري آهي ته ان جي اندر رهندي اسان ان کي اڳتي وڌايون، ان کي پکيڙيون. انهيءَ ئي مدد لاءِ اسلام اڄ اسان ڪان گهر ڪري ٿو.

رسول الله ﷺ جن جو جهاد، هڪ مثال

تاريخ ان ڳالهه جي شاهد آهي ته اسان جي پاڪ پيغمبر ﷺ جن الله تعاليٰ جي طرفان ڏنل پنهنجي انهيءَ ذميواريءَ کي جنهن سچائي، محنت ۽ مجاهدانه صلاحيتن سان پڄاڻيءَ تي پهچايو، تنهن جي شاهدي نه رڳو مسلمان، پر غير مسلمان به ڏين ٿا.

پاڻ سڳورن ﷺ جن حجة الوداع جي موقعي تي ماڻهن ڪان شاهدي ورتي ته هن الله تعاليٰ جو پيغام جيئن جو تيئن ماڻهن تائين پهچايو ۽ انهيءَ ڳالهه تي الله تعاليٰ کي به شاهد بڻايو.

پاڻ سڳورن ﷺ جن ماڻهن ڪان پڇيو: ”ڇا مون (الله تعاليٰ جو پيغام توهان تائين) پهچائي ڇڏيو؟“ ان تي ماڻهن جواب ڏنو ته ”هائو! توهان تبليغ جو حق ادا ڪري ڇڏيو.“ ان ڪان پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ٽي ڀيرا الله تعاليٰ کي شاهد بڻائي چيو: ”اي الله! تون شاهد رهجان.“ (بخاري ۽ مسلم)

وچٿري امت جي ذميواري اسان جي ڪُلهن تي

هاڻي هيءَ ذميواري يعني دين کي اڳتي وڌائڻ جي ذميواري پاڻ سڳورن ﷺ جن جي ڪُلهي تان لهي، اسان جي ڪلهن تي اچي وئي آهي. جيڪڏهن اسان انهيءَ ذميواريءَ کي پورو نه ڪنداسين ته ان ۾ اسان جو ئي نقصان ٿيندو، دنيا جو به ۽ آخرت جو به. دنيا ۾ اسان الله تعاليٰ سان تعلق جوڙي ان جي محبوبيت ۽ رضا حاصل ڪرڻ ڪان محروم رهنداسون ۽ آخرت ۾ به ان جي صلي ۾ جنت جي نعمتن ڪان محرومي ملندي. جيڪڏهن اسان جي اندر ۾ سرنهن جي داڻي جيترو به ايمان باقي هجي ته اسان اڳتي وڌون ۽ دين کي انسانن تائين پهچائڻ جي ذميواري پوري ڪريون ته جيئن انهيءَ ذميواري کي ادا ڪرڻ سان اسان جو پالڻهار اسان ڪان راضي ٿي وڃي، ڇو جو الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ وچٿري امت واري ذميواري جي وڏيڪ وضاحت ڪندي فرمايو آهي:

كُنتُمْ خَيْرَ أُمَّةٍ أُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَأْمُرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنكَرِ وَتُؤْمِنُونَ بِاللَّهِ... ﴿آل عمران: 110﴾

”هاڻي دنيا ۾ اها ڀلي ۾ ڀلي جماعت توهان آهيو جنهن کي ماڻهن (جي هدايت ۽ سڌاري) لاءِ عملي ميدان ۾ آندو ويو آهي. توهان نيڪيءَ جو حڪم ڏيندا آهيو ۽ برائيءَ ڪان روڪيندا آهيو ۽ الله تي ايمان رکندا آهيو...“

يعني اسان کي انهيءَ مرتبي تي رهڻ لاءِ، وچٿري ۽ ڀلي ۾ ڀلي امت سڏرائڻ لاءِ ضروري آهي ته امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو فرض ادا ڪريون. نه ته ائين نه ٿئي جو اسان به بني اسرائيل وانگر الله تعاليٰ جي لعنت جا حقدار بڻجي وڃون. (نعوذ بالله)

الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

”بني اسرائيل مان جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي، تن تي داؤد عليه السلام ۽ عيسيٰ عليه السلام

بن مريم جي زباني لعنت ڪئي وئي ڇو جو اهي سرڪش ٿي ويا هئا ۽ ڏاڍايون ڪرڻ لڳا هئا. ان سان گڏوگڏ انهن هڪ ٻئي کي، جيڪي بڇڙا ڪم هو ڪندا هئا، تن کان روڪڻ ڇڏي ڏنو هو. جيڪو طرز عمل انهن اختيار ڪيو سو تمام ئي بڇڙو هو." (سورة المائده: 79-78)

مرد ۽ عورت ٻنهي جي ذميواري

عورتن جي ذهن ۾ هيءَ ڳالهه اچي سگهي ٿي تہ دين نافذ ڪرڻ وارو ڪم مردن جو آهي، اسان کي انهيءَ ذميواريءَ کان جدا رکيو ويو آهي، تہ هتي اسان انهيءَ ڳالهہ کي سمجهي وٺون تہ اها ذميواري مردن ۽ عورتن، ٻنهي کي، پنهنجي پنهنجي وس آڌار پوري ڪرڻي آهي، ڇو تہ الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

"مؤمن مرد ۽ مؤمن عورتون سڀئي هڪ ٻئي جا ساٿي آهن. هڪ ٻئي کي نيڪيءَ جو حڪم ڏيندا آهن، برائيءَ کان روڪيندا آهن، نماز قائم ڪندا آهن، زڪوات ادا ڪندا آهن، الله ۽ ان جي رسول جي فرمانبرداري ڪندا آهن، انهن ماڻهن تي الله تعاليٰ ضرور ٻاجهہ فرمائيندو، بيشڪ الله غالب ۽ حڪمت وارو آهي." (سورة التوبہ: 71)

انهيءَ ڳالهہ جي اجا بہ وڌيڪ چٽائي اسان کي هن حديث وسيلي ملي ٿي:

رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"اي ماڻهؤ، شاهد رهو! توهان سڀئي ذميوار آهيو ۽ هر ذميوار کان پنهنجي پنهنجي ذميواريءَ بابت پڇاڻو ٿيندو. اهو ماڻهو جيڪو ماڻهن تي حاڪم آهي سو سمورن ماڻهن جي طرف کان جوابدار آهي. مرد پنهنجي آکهہ مٿان حاڪم آهي ۽ هو انهن جي طرف کان جوابدار آهي. عورت پنهنجي مڙس جي گهر جي ذميوار آهي، تنهن ڪري ڪانئس گهر بابت پڇيو ويندو. اهڙي طرح غلام پنهنجي مالڪ جي مال (سنڀالڻ) جو ذميوار آهي، تنهن ڪري هو انهيءَ لاءِ جوابدار آهي. سو توهان سڀئي ذميوار آهيو ۽ سڀني کان پنهنجي پنهنجي ذميواريءَ بابت پڇاڻو ٿيندو." (ابوداؤد)

تنهن ڪري اسان کي پنهنجي پنهنجي حيثيت جي حساب سان دين کي پکيڙڻ جو ڪم ڪرڻو آهي. ضروري نہ آهي تہ سڀئي دائيس تي اچي درس ڏين. دين پکيڙڻ جا ٻيا بہ ڪيترائي طريقا آهن. ان ۾ پنهنجي صلاحيت ۽ وس موجب ڪهڙو بہ طريقو پنهنجائي سگهجي ٿو. اهڙي طرح اسان پنهنجي انهيءَ اهم ذميواريءَ کي ادا ڪري سگهون ٿا جنهن جي باري ۾ اسان کان پڇاڻو ٿيندو.

دين پکيڙڻ جا مختلف طريقا

- پنهنجي گهر وارن ۽ اولاد کي دين جي تعليم ۽ ڄاڻ جو بندوبست ڪري ڏيڻ ۽ انهن کي ديني سرگرمين ۾ شامل ڪرڻ.
- پنهنجي دوستن ۽ مٽن مائٽن کي الله تعاليٰ جي توحيد ۽ معرفت ڏانهن دعوت ڏيڻ جون ڪوششون ڪجن.

- پنهنجي واسطيدارن ۽ چوڌاري ماڻهن کي قرآن مجيد جي ترجمي پڙهڻ لاءِ همٿائجي ۽ انهن ماڻهن کي ضرورت پٽاندر ترجمي وارا قرآن مجيد مهيا ڪري ڏجن.
- قرآن ۽ حديث سان لاڳاپيل ڪتابڙا (booklets) خريد ڪري ماڻهن ۾ ورهايا وڃن.
- جتي جتي قرآن پاڪ جا ڪورس ٿي رهيا آهن تن جي ڄاڻ، اطلاعات جي جديد ذريعن flyer ۽ brochers جي وسيلي ماڻهن کي ڏني وڃي ته جيئن وڌ کان وڌ ماڻهو انهن ۾ شريڪ ٿي سگهن.
- اڄڪلهه نيون نيون سائنسي ترڪون (technologies) اچي ويون آهن، تن کي به دين جي پکيڙڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو، مثال طور: موبائل فونن ۾ اڄڪلهه whatsapp تمام گهڻو استعمال ٿي رهيو آهي، ته انهيءَ جي وسيلي به قرآن مجيد جي انسانن جي ڀلائي واسطي حڪمت ۽ رحمت جي تعليم ۽ مختلف عالمن جون تقريرون اڳتي پکيڙيون وڃن.
- قرآن جي ڦهلاءَ لاءِ جيڪو به وسيلو ميسر هجي، ان کي اڪيلو يا دوستن جي گروپ يا جماعت بنديءَ سان استعمال ڪيو وڃي.
- جنهن اداري ۾ اوهان ڪم ڪيو ٿا يا تعليم وٺو ٿا، اتي پنهنجي ساٿين کي دين جي دعوت لاءِ دوستاڻي ماحول ۾ رغبت ڏيو.
- پنهنجي گهرن ۾ درس قرآن جون محفلون لڳايون وڃن.
- ڪنهن درس جي ڪا چڱي ڳالهه، ڪا قرآني آيت يا ڪا حديث پنهنجي گهر وارن سان ونڊ ڪئي وڃي ۽ پنهنجي دوستن کي شيئر ڪئي وڃي.
- اسڪولن ۾ استاد پنهنجي شاگردن کي چڱين ڳالهين جي نصيحت ڪري سگهن ٿا ۽ بڇڙن ڪمن کان روڪي سگهن ٿا.
- مطلب ته الله جي ذڪر ۽ دين جي دعوت جي هر وقت فڪرمندي هجي، جيئن پيغمبراسلام ﷺ فرمايو ته "اوهان الله جي پچار ايتري ته گهڻي ڪيو جو ماڻهو چون ته هي ته ديوانو آهي." اوهان اهڙين سرگرمين سان وڏي روحاني خوشي محسوس ڪندؤ... اسان جي روحن تخليق وقت الله تعاليٰ جي ربوبيت ۽ ڪبريائيءَ جو قالوا بليٰ وارو اقرار ڪيو آهي. جڏهن اسان ان عهد جي پنهنجي عبديت سان تڪميل ڪندا آهيون ته اسان کي زندگيءَ جي سڦل هئڻ جو احساس پيدا ٿيندو آهي ۽ زندگيءَ جو اطمينان ۽ سلامتي حاصل ٿيندي آهي.

اجر ۾ واڌارو، جاري رهندڙ صدقو

ياد رکو! اسان جي انهيءَ جاکوڙ جي بنياد تي جيترا به ماڻهو الله تعاليٰ جي ويجهو ايندا، هدايت ماڻيندا ۽ نيڪ عمليءَ واري زندگي گذاريندا، تن جي سمورن عملن جو ثواب اسان کي به ملندو. نه رڳو ايترو، پر اسان جي هن دنيا مان گذاري وڃڻ کان پوءِ به جيستائين اهو عمل ٿيندو رهندو، جنهن کي اسان پکيڙيوسين ته ان جو ثواب اسان کي مرڻ کان پوءِ به ملندو

رهندو؟ يعني اسان پنهنجي لاءِ جاري رهندڙ صدقو ٺاهيندا ويندا سين.

رسول اللهﷺ جن فرمايو:

”امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر تي عمل ڪرڻ واري کي انهن سمورن ماڻهن جي نيڪ عملن جيترو ثواب ملندو جن ان جي چوڻ تي نيڪ عمل ڪيو.“ (مسلم)

آخرت جي نقصان کان بچائڻ ۽ جنت ۾ داخل ڪرائڻ واريون چار ڳالهيون

وَالْعَصْرِ ۝ إِنَّ الْإِنسَانَ لَفِي خُسْرٍ ۝ إِلَّا الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ وَتَوَاصَوْا بِالْحَقِّ وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ۝ ﴿العصر: 1-3﴾

سورة العصر ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

”زماني جو قسم! انسان حقيقت ۾ وڏي نقصان ۾ آهي سواءِ انهن ماڻهن جي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪندا رهيا ۽ هڪ ٻئي کي حق (واري ڳالهه) جي نصيحت ۽ (ان جي نتيجي ۾ ٿيندڙ سختين ۽ ايذائن تي) صبر جي تلقين ڪندا رهيا.“

مٿين سورت ۾ توڙي ٻين ڪيترن هنڌن تي اسان کي وري وري ٻڌايو ويو آهي ته إِلَّا الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ جن شخصن ايمان آندو آهي ۽ سڌاري وارا يا صالح ڪم ڪيا آهن سي خساري کان بچيل آهن. انسان جي ڀلائيءَ جا سڀ ڪم عمل صالح آهن. انسانن کي باهه جي ڪناري تان هٽائڻ، انهن جي دين دنيا جي ڀلائيءَ لاءِ ڪوششون، انسانن کي ڀلائيءَ جي واٽ تي هلائيندڙ دين جي ڦهلاءَ جون ڪوششون، اهي سڀ عمل صالح آهن. اسان کي پنهنجي ايمان جي تڪميل لاءِ انهن عمل صالحات جي ضرورت آهي ۽ انهن کان هرگز غافل نه ٿيڻ گهرجي.

سورة العصر مان هيءَ به خبر پوي ٿي ته آخرت جي نقصان کان بچڻ ايمان ۽ نيڪ عمل کانسواءِ حق جي نصيحت ڪرڻ ۽ پوءِ حق واري واٽ تي هلڻ سبب جيڪي آزمائشون، ڏکيائيون، پريشانيون ۽ اڻوڻندڙ حالتون اڳيان اچن ته ان هوندي پنهنجي شروع ڪيل ڪم تي ڄمي بيهڻ ۽ جيڪڏهن ماڻهو ٽوڪون ۽ ٺٺوليون ڪن، انهن سمورين ڳالهين تي صبر ڪرڻ جي نصيحت ڪيل آهي.

انهيءَ ذميواريءَ کي ادا ڪرڻ کانسواءِ آخرت جي ڪاميابي ممڪن ئي نه آهي ۽ نه ئي جنت ۾ داخل ٿيڻ ممڪن آهي. قرآن جي ڳالهه کي اڳتي پهچائڻ لاءِ پهريان قرآن پاڪ جو علم حاصل ڪرڻ ضروري آهي. پر ڪيئن؟ اڄ ڪلهه جي زماني ۾ اهو ڪم ايڏو ڏکيو نه آهي. قرآن مجيد جا ترجما سڀني ٻولين ۾ موجود آهن. جتي ڪٿي قرآن ڪريم تفسير ۽ حديث سان گڏ پڙهائڻ وارا ادارا قائم آهن. توهان ڪنهن به اهڙي اداري ۾ جتي قرآن ۽ حديث جي ذريعي تعليم ڏني وڃي ٿي، اڄ ئي داخلا وٺي دعوت واري اهم ذميواريءَ کي ادا ڪرڻ لاءِ پهرين وک

ڪٽي وٺو. توهان رڳو هڪ هٿ جيترو اڳتي وڌو، الله تعاليٰ جي مدد اوهان جي نصرت ۾ ايندي. بس رڳو ڪم شروع ڪرڻ جي دير آهي.

الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

”بچو انهيءَ فتني کان جنهن جي بڇڙائي خاص طرح سان رڳو انهن ماڻهن تائين محدود نه رهندي جن توهان مان گناهه ڪيو هوندو، ۽ ڄاڻو ته الله تعاليٰ تمام سخت سزا ڏيندڙ آهي.“ (سورة الانفال: 25)

هي انهن ماڻهن جي ڳالهه آهي جيڪي ظاهر ۾ ته بي گناهه هئا، پر انهن اوسي پاسي، ڪٽنب، معاشري ۽ اوڙي پاڙي ۾ گناهه ٿيندي ڏٺو، پر ان کي روڪڻ لاءِ ڪو به اپاءُ نه ورتو ۽ نه ئي زبان سان ڪنهن کي روڪيو. گناهه ٿيندي ڏسي انهن جي منهن ۾ گهنڊ به پيدا نه ٿيو. پنهنجي اکين سان گناهه ۽ نافرمانيءَ جا ڪم ڏٺا، پر بي جان بت بڻجي، بس رڳو پاڻ کي بچائي چپ ڪري ويهي ٿا رهن ۽ ٻين کي انهيءَ لاءِ ڪا به نصيحت نٿا ڪن ته اسان ڇو ڏٺا ٿيون! اهڙي روش تي الله تعاليٰ جي ايتري سخت تنبيهه قرآن ڪريم ۾ ڏني وئي آهي.

هڪ حديث ۾ رسول الله ﷺ جن هڪ قوم جو واقعو بيان ڪندي فرمايو: ”اها قوم ڪيترن ئي قسم جي گناهن، نافرمانين ۽ بڇڙائين ۾ گهيريل هئي. الله تعاليٰ انهيءَ قوم تي عذاب نازل ڪرڻ جو فيصلو فرمايو. سو الله تعاليٰ ملائڪن کي حڪم فرمايو: ”فلاڻي وسنديءَ وارا ماڻهو گناهن ۽ نافرمانين ۾ گهيريل آهن، توهان وڃي انهن جي وسنديءَ کي اٿلايو ۽ انهن کي تباهه ڪري ڇڏيو.“ جبرائيل عليه السلام عرض ڪيو: ”يا الله! توهان فلاڻي وسنديءَ کي اٿلائڻ جو حڪم ڏنو آهي، جڏهن ته انهيءَ وسنديءَ ۾ هڪ اهڙو ماڻهو به موجود آهي جنهن هڪ پَلڪ لاءِ به تنهنجي ڪنهن حڪم جي نافرماني نه ڪئي آهي. سموري ڄمار هن تنهنجي فرمانبرداري ۽ عبادت ۾ گذاري ڇڏي آهي. ڪو به گناهه هن نه ڪيو آهي، ته ڇا ان ماڻهوءَ کي به ماري ڇڏيان؟“ الله تعالي فرمايو: ”ها، وڃ انهيءَ وسنديءَ وارن سان گڏ ان ماڻهو کي به عذاب سان تباهه ڪري ڇڏ، ڇو جو هو ماڻهو پنهنجي لاءِ ته وڏا نيڪيءَ جا ڪم ڪندو رهيو آهي ۽ عبادت ڪندو رهيو آهي، پر ماڻهن جي ڪنهن به گناهه کي ڏسي ان جي نرڙ تي ڪڏهن به ڪو گهنج نه آيو، نه ئي ان جي منهن ۾ ڪو ڦيرو آيو ۽ نه ئي ماڻهن کي گناهن کان روڪڻ لاءِ هن ڪو اپاءُ ورتو، تنهن ڪري ان ماڻهو کي به سندس قوم وارن سان گڏ تباهه ڪري ڇڏ.“ (بيهقي)

حڪمت عمليءَ سان دين جي دعوت

هاڻي پنهنجي انهيءَ ذميواريءَ کي سمجهندي جيڪو به امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر ڪرڻ جي لاءِ اٿي بيهي ته ان کي گهرجي ته پنهنجي اندر هيٺيان گڻ پيدا ڪري، نه ته ان جي اها جاکوڙ گهڻو اثرائتي نه رهندي ۽ نه ئي جٽادار هوندي. اهي اهم نڪتا هي آهن:

(1) نيت جي سچائي

هن دعوت کي عام ڪرڻ لاءِ نيت جي سچائي پهريون شرط آهي، يعني سموري جاکوڙ رڳو الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ هجي. پنهنجو نالو، پنهنجي ناماچاري يا اهڙي ڪا به لالچ دل ۾ نه هجي ته جيئن مان ماڻهن ۾ مشهور ٿي وڃان.

رسول اللهﷺ جن فرمايو: "الله تعاليٰ ڪوبہ عمل قبول نہ ڪندو آهي جيستائين اهو رڳو ان جي راضپي لاءِ نہ ڪيو وڃي." (نسائي)

(2) **قرآن ۽ حديث جو علم**

پنهنجي انهيءَ ڪم کي پورو ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ قرآن ۽ حديث جي صحيح ڄاڻ هجي. الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

"(توهان) چئو، ڇا ڄاڻيندڙ ۽ اڻ ڄاڻ ٻئي هڪجهڙا ٿي سگهن ٿا؟..." (سورة الزمر:9)

(3) **عمل واري زندگي**

جيڪا ڳالهہ ماڻهن تائين پهچائي، ان تي سڀ کان پهريان پاڻ عمل ڪري.

"اي ايمان وارؤ! توهان اهڙي ڳالهہ ڇو ٿا چئو جيڪا پاڻ نٿا ڪريو؟ الله تعاليٰ وٽ اها تمام اڻوڻندڙ ڳالهہ آهي تہ توهان جيڪا ڳالهہ ڪريو سا پاڻ نہ ڪريو."
(سورة الصف:3-2)

"ڇا توهان ماڻهن کي نيڪيءَ واري واٽ وٺڻ جي هدايت ڪريو ٿا، پر پاڻ ان کي وساري ڇڏيو ٿا. جڏهن تہ توهان ڪتاب پڙهو ٿا. پوءِ ڇا توهان عقل کان ڪم نہ وٺندؤ؟" (سورة البقره: 44)

(4) **شروعات پنهنجي گهر کان**

ضروري آهي تہ هن تمام اهم ذميواريءَ جي شروعات پنهنجي گهر کان ڪئي وڃي. الله تعاليٰ جو پاڪ فرمان آهي:

"اي ايمان وارؤ! پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي ٻارن ٻچن کي ان باهہ کان بچايو جنهن جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر هوندا..." (سورة التحريم:6)

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ هڪ ٻِيءَ جاءِ تي فرمايو آهي:

"۽ پنهنجي ويجهن مائٽن کي ڊيڄار." (سورة الشعراء: 214)

(5) **سچڻ ڪردار واري عملي زندگي**

پنهنجن پيارن ۽ ويجهن تي محنت ڪرڻ ۾ ان وقت وڏيڪ آساني ٿئي ٿي جڏهن اوهان پنهنجي ماحول ۾ هڪ مهربان ۽ ڀلايون ڪندڙ انسان واري شناخت حاصل ڪريو ٿا. اوهان جا ماڻهن تي احسان آهن. اوهان دنياوي ڪمن ۽ ضرورتن ۾ ماڻهن جو ساٿ ڏيندڙ آهيو ۽ ساڻن بنا غرض جي ڀلايون ڪندڙ آهيو. ان صورت ۾ اوهان جا مخاطب اوهان لاءِ هي سوچيندا تہ جيڪو ماڻهو هر ڏکي وقت ۾ اسان لاءِ ڀلائيءَ جو سوچيندو آهي، اهو اسان لاءِ ديني ڀلائيءَ ۾ بہ سچڻائپ سوچي ٿو. ايئن اهي اوهان جي دعوت جي سني موٽ ڏيندا.

(6) **صبر ۽ سهپ**

هن تمام ئي اهم ذميواريءَ کي پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجي اندر سهپ يعني صبر جي صفت

پيدا ڪرڻ بہ ضروري آهي. هن موقعي تي ثابت قدمي ۽ پنهنجي ڳالهہ تي ڄمي بيهڻ ئي اصل ۾ هن ڪم جي ڪاميابيءَ جي نشاني آهي. ڇو جو ٿي سگهي ٿو تہ ٻين کي نيڪيءَ جو حڪم ڪندي يا بڇڙائيءَ کي روڪيندي ڪنهن پاسي کان ڪا ڪسي ڪوڙي ڳالهہ ٻڌڻي پوي يا وري ڪو مهڻا ڏئي يا ڪو بهتان ٻڌي تہ اهڙي موقعي تي چپ رهڻ ۽ درگذر کان ڪم وٺڻ گهرجي، اجا بہ جيڪڏهن ممڪن هجي تہ ڪسي پڪي ڳالهہ چوڻ واري جي لاءِ ڀلائيءَ جي دعا ڪرڻ صبر ۽ سهپ واري صفت جو بهترين عملي مظاهرو آهي.

جيئن قرآن ڪريم ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي:

”۽ (اي نبي ﷺ !) نيڪي ۽ بدي پاڻ ۾ برابر نہ آهن، (۽ نيڪي) جا ڏاڍي چڱي آهي تنهن سان (مدائيءَ کي) ٽاريو، جو اُنهيءَ جي ۽ تنهنجي وچ ۾ دشمني آهي سو ڄڻڪ دوست مائٽي وارو ٿيندو. ۽ اِها (ڳالهہ) صابرن کانسواءِ ٻئي کي حاصل نہ ٿيندي آهي ۽ نہ ڪِي وڏي نصيب واري کانسواءِ (ٻئي ڪي) اِها حاصل ٿيندي آهي.“
(سورة حٰمٓ السجده: 35-34)

(7) **سهڻو اخلاق**

سهڻي اخلاق جو مظاهرو ڪرڻو آهي ۽ نرمي ۽ درگذر کان ڪم وٺڻو آهي. هيءُ گڻ بہ ان وقت پيدا ٿيندو جڏهن صبر ۽ سهپ جو گڻ انسان ۾ پيدا ٿئي ۽ ان ۾ ترقي ٿئي.

الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

خُذِ الْعَفْوَ وَأْمُرْ بِالْعُرْفِ وَأَعْرِضْ عَنِ الْجَاهِلِينَ ﴿الأعراف: 199﴾

”(اي پيغمبر) معافي ڏيڻ جي عادت ڪر ۽ چڱي ڪم ڪرڻ جو حُڪم ڪر ۽ جاهلن کان منهن موڙ.“

هڪ ٻيءَ جاءِ تي قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو:

وَمَنْ أَحْسَنُ قَوْلًا مِّمَّن دَعَا إِلَى اللَّهِ وَعَمِلَ صَالِحًا وَقَالَ إِنَّنِي مِنَ الْمُسْلِمِينَ
﴿حٰمٓ سجده: 33﴾

”۽ انهيءَ کان وڌيڪ چڱو ڳالهہ ۾ ڪير آهي جنهن الله ڏانهن سڏيو ۽ (پاڻ ۾) چڱا ڪم ڪيائين ۽ چيو تہ بيشڪ آءٌ مُسلمانن مان آهيان؟“

رسول الله ﷺ جن پنهنجي امت جي ماڻهن کي نصيحت ڪندي فرمايو آهي: ”ماڻهن کي چڱي خبر ڏجو، نفرت نہ ڏيارجو، آساني پيدا ڪجو ۽ سختي نہ ڪجو.“ (مسلم)

(8) **حجت پوري ڪرڻ**

فَذَكِّرْ إِنَّمَا أَنتَ مُذَكِّرٌ ○ لَّسْتَ عَلَيْهِم بِمُصَيْطِرٍ ○ ﴿الغاشية: 21-22﴾

”پوءِ (اي پيغمبر) تون، رڳو نصيحت ڪرڻ وارو آهين. تون مٿن ڪو داروغو نہ آهين.“

ٻين کي برائين کان روڪڻ وقت ماڻهن سان پيار، ٻاجهہ ۽ نرميءَ کي سامهون رکو، پر ان جي باوجود ڪنهن جي دل تي بار ٿي رهيو هجي، يا ان کي اها ڳالهہ نہ وڻندي هجي تہ ان جي

پرواهه نہ ڪريو، ڇو جو الله ۽ الله تعاليٰ جي رسولﷺ جن جي حڪم کي پٺي ڏيڻ ٻين جي دل ٽوڙڻ کان وڌيڪ خطرناڪ آهي. باقي ماڻهن کي بي عزتو نہ ڪريو، نہ ڪنهن کي خوار ڪريو، پر اڪيلائيءَ ۾ محبت سان، ٻاجهہ سان ڪيس سمجهايو. انهن سڀني ڳالهين جي باوجود بہ هو توهان جي ڳالهہ نٿو مڃي تہ الله تعاليٰ وٽ توهان تي ڪا بہ ميار نہ رهندي تہ توهان ڳالهہ نہ پهچائي. نوح؈ ساڍا نَوَ سؤ سال تبليغ ڪئي پر رڳو 19 ماڻهن ايمان آندو، باقي ٻين ماڻهن جيڪو ايمان نہ آندو، ان لاءِ حضرت نوح؈ جوابدار نہ ٿيندو، ڇو جو هن پنهنجي وس آٿار حق واري ڳالهہ کي ماڻهن تائين پهچايو هو.

(9) **نرمي**

جڏهن الله تعاليٰ موسيٰ؈ کي فرعون ڏانهن موڪليو تہ ڪيس ۽ سندس ڀاءُ هارون؈ کي تاڪيد ڪندي فرمايو:

اذْهَبَا إِلَىٰ فِرْعَوْنَ إِنَّهُ طَغَىٰ ○ فَقُولَا لَهُ قَوْلًا لَّيِّنًا لَّعَلَّهُ يَتَذَكَّرُ أَوْ يَخْشَىٰ ○

﴿طه: 43-44﴾

"توهان ٻئي فرعون ڏانهن وڃو جو اُهو نافرمان ٿيو آهي. پوءِ اُن سان نرميءَ سان ڳالهائجو تہ متان اُهو سوچ ڪري يا خشيت ۾ اچي."

اڄ اسان جو مخالف فرعون کان وڌيڪ گمراهہ نٿو ٿي سگهي. جڏهن تہ فرعون سان بہ نرميءَ سان ڳالهائڻ جو حڪم ڏنو ويو تہ پوءِ اسان لاءِ تہ اجا بہ وڌيڪ ضروري آهي تہ اسان ماڻهن جي برائين کي نرميءَ سان ختم ڪريون.

(10) **پلي ۾ پلي نصيحت**

الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

ادْعُ إِلَىٰ سَبِيلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَالْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ وَجَادِلْهُم بِالَّتِي هِيَ أَحْسَنُ...○

﴿النحل: 125﴾

"(اي پيغمبر) حڪمت ۽ چڱي نصيحت سان پنهنجي پالڻهار جي واٽ ڏانهن (ماڻهن کي) سڏ ۽ چڱيءَ طرح سان ساڻن بحث ڪر."

امر بالمعروف (نيڪيءَ جو حڪم ڪرڻ) ۽ نهي عن المنڪر (برائيءَ کان روڪڻ) وقت مٿين اصولن کي ذهن ۾ رکو ۽ ماڻهن کي ڏاهپ ۽ سياڻپ سان دعوت ڏيو، ڇو جو حق جي دعوت يا تبليغ يا ماڻهن کي برائين کان روڪڻ ۽ چڱائين جو حڪم ڪرڻ ڪو پٽر نہ آهي جيڪو اسان ماڻهن کي هٽي ڪديئون، يا مِهڻٽي وارو تيل نہ آهي، جنهن سان ڪنهن کي مالش ڪريون، پر اها خير خواهي، محبت ۽ ٻاجهہ واري انداز ۾ چوڻ واري ڳالهہ هئڻ گهرجي. ماڻهن کي برائين کان، ڀلائي ۽ نيڪ نيتيءَ واري مقصد سان روڪيو، پر اهڙي انداز سان جو انهن کي انهيءَ ڳالهہ ۾ پنهنجو فائدو نظر اچي. حق پهچائڻ وارو اهڙي ڳالهہ نہ ڪري جو ايئن محسوس ٿئي تہ جيڪي ٻڌڻ وارا آهن سي سمورا گنهگار آهن ۽ پاڻ ئي اڪيلو پرهيزگار ماڻهو آهي. اهڙي قسم جو طرز عمل ماڻهن کي دين کان بيزار ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿو. وري اها ڳالهہ بہ

ضروري آهي تہ ٻڌڻ وارن جون طبيعتون، انهن جو ماحول، انهن جي نفسيات ۽ انهن جي سمجھ کي سامهون رکي ڳالهہ ٻڌائي وڃي، ڇو جو ڏاهپ کان سواءِ امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر ڪرڻ ڪڏهن ڪڏهن ابتو اثر ڏيکاريندو آهي.

حضرت عليؓ جو فرمان آهي: "پلي ۾ پلو عالم اهو آهي جيڪو ماڻهن کي اهڙي انداز ۾ دين جي دعوت ڏئي جو الله کان ماڻهن کي مايوس نٿو ڪري ۽ نہ ئي الله تعاليٰ جي نافرمانيءَ جي انهن کي اجازت ڏئي ٿو ۽ نہ ئي وري الله تعاليٰ جي عذاب کان انهن کي بي ڊپو ڪري ڇڏي ٿو."

تنهن ڪري اسان کي پنهنجي هن نيڪ ۽ تمام ئي اهم ڪم کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ پنهنجي اندر مٿيان گڻ پيدا ڪرڻا پوندا، تڏهن وڃي دعوت واري ڪم جا هاڪاري نتيجا (positive results) نڪرندا.

گناهن کان روڪڻ ڪنهن جي ذميواري آهي

اسان جي معاشري ۾ حق تلفين ۽ ناانصافين، جبر ۽ استحصال يعني ٻئي جي ڪمزوريءَ جو ناجائز فائدو وٺڻ عام جام ٿي ويو آهي. اهڙي طرح شرڪ پرستي، بدعتون، غير اسلامي رسمون ۽ بي حيائيءَ جو بگاڙ پيدا ٿي پيو آهي. اهڙن موقعن تي ڪٽنب جي چڱن مڙسن يا اهڙن فردن، جيڪي خدا خوفي رکن ٿا ۽ دين جي سمجھ رکن ٿا، تن جي ذميواري سڀني کان وڌيڪ آهي تہ اهي ماڻهن تائين پنهنجي وس آڌار حق واري ڳالهہ پهچائين.

اڄڪلهہ شادين ۾ مينديءَ، ونواهہ ۽ ٻين تقريبن ۾ بيان کان ٻاهر الله تعاليٰ جي نافرمانيءَ وارين رسمن جو درياءُ اٿلي پيو آهي. مثال طور اهڙي قسم جي گڏجاڻين ۾ هڪ ئي هنڌ مردن ۽ عورتن جي گڏجاڻين (mix gathering) جو بندوبست هوندو آهي. ڇوڪريون ۽ عورتون چست ۽ سنهڙي لباس ۾ هار سينگار ڪري اچي پهچنديون آهن. پردي ۽ شرم حياءَ جو ڪو خيال ئي ڪنهن کي نہ ٿيندو آهي. نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي ڳائڻ ۽ ناچ جو جوڳو بندوبست ڪيو ويندو آهي. مٿان وري بي حسي هيءَ تہ ڪٽنب جا ماڻهو پنهنجين ئي ننهرن، ڌيئرن ۽ نامحرم ڇوڪرين کي ناچ ڪندو ڏسي خوش خوش پيا ٿيندا آهن.

ڪٿي تہ وري شراب جا دور بہ هلندا آهن. آخر ڪيستائين اسان انهن برائين اڳيان بيوس ٿي بيٺا هونداسين؟ ڇا الله تعاليٰ جو خوف اسان مان بلڪل ئي ختم ٿي ويو آهي؟

انهن سمورن مسئلن جو حل ڇا آهي؟ تہ ان جو جواب هي آهي تہ پيءُ ماءُ جي حيثيت ۾ اها اسان جي ۽ توهان جي ذميواري آهي تہ اسان اسلامي اصولن موجب پنهنجي ٻارن جي تربيت ڪريون. ان کانسواءِ جيڪڏهن ڪٽنب جا ٽي چار هٿ پهچ وارا پرهيزگار ماڻهو جمع ڪري انهن برائين جي خلاف اٿي پون ۽ چِتائيءَ سان چئي ڏين تہ اسان انهن برائين جي مجلسن ۾ شريڪ نہ ٿينداسين تہ اهڙين گڏجاڻين ڪرائڻ وارو، انهيءَ برائيءَ کي ڇڏڻ تي مجبور ٿي ويندو ۽ ايئن خانداني دٻاءَ (pressure) هيٺ اهڙين برائين جو خاتمو ٿي ويندو.

ماڻهن ۾ اسان رسول اللهﷺ جن جي سنت واري طريقي کي عام ڪريون. نڪاح جي گڏجاڻي سادي طريقي سرانجام ڏيون ته جيڪر وڏي اسراف ۽ زيان کان بچي پئون. پئسو گهٽو آهي ته اهو الله تعاليٰ جي امانت آهي، اهو جائز هنڌن تي ڪپايون. اهڙيءَ طرح ڪير مري وڃي ته رسول اللهﷺ جن جي ڏسيل دعائن کي پڙهڻ جو بندوبست ڪريون ته جيئن ماڻهو ڪنهن جي جنازي وقت بدعت وارين رسمن ۽ خوشيءَ جي موقعن تي بي حيائي ۽ فضول خرچ ڪرڻ کان بچي وڃن.

اسان اهو به سوچيون ته سڀاڻي اسان کي الله تعاليٰ جي اڳيان جواب ڏيڻو پوندو. اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجي موجوده طرز عمل تي نظرثاني ڪريون ۽ هي جيڪو اسان جي غفلت جو معاملو آهي ته جيڪو جتان وڃي رهيو آهي ان کي وڃڻ ڏيو (live and let live) واري روش انتهائي خطرناڪ ۽ اسلامي تعليم جي ابتڙ آهي. انهيءَ سوچ ۽ روش کي بدلائڻ جي ضرورت آهي.

پنهنجي زندگيءَ جي مقصد کي سمجهو ۽ هن دنيا ۾ مسلمانن جي زندگيءَ جو مقصد رڳو اهو ئي آهي ته اهي مڪمل توجهه ۽ نيڪ نيتيءَ سان محمد رسول اللهﷺ جي آندل دين اسلام کي قائم ۽ نافذ ڪن. سندن سمورا عقيدا ۽ عبادتون، اخلاق ۽ اٿڻي ويهڻي، معيشت ۽ سياست، مطلب سڀئي سرگرميون الاهي شريعت جي ئي مطابق هجن. رسول اللهﷺ جن جو زمانو ته ختم ٿي ويو آهي، پر رسول اللهﷺ جن جو مشن يا ڪم ختم نه ٿيو آهي. سموري مسلم امت رسول اللهﷺ جي ڪم جي جاءِ نشين آهي ۽ ان کي به اهو ئي ڪم ڪرڻو آهي، جيڪو رسول اللهﷺ جن پنهنجي سموري ڄمار ۾ ڪيو ۽ بنا ڪنهن لالچ، ناماچاري ۽ ڏيکاءَ جي، رڳو انساني خيرخواهيءَ جي مقصد سان ڪيو. اها خيرخواهي هيءَ هئي ته ماڻهو هن دنيا ۾ عذابن ۽ اهنجن کان بچن ۽ آخرت ۾ به باهه جو ٻارڻ نه بڻجن.

رسول اللهﷺ کان اڳ ۾ آيل سمورن نبين به هر پيري پنهنجي قوم کي هيءَ ڳالهه چئي:

وَمَا أَسْأَلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ أَجْرٍ إِنْ أَجْرِيَ إِلَّا عَلَىٰ رَبِّ الْعَالَمِينَ

﴿الشعراء: 109، 127، 145، 164، 180﴾

”۽ اوهان کان اِن (پيغام جي پهچائڻ) تي ڪو اُجورو نٿو گهران، منهنجو اجورو ته رڳو جهانن جي پالڻهار تي آهي.“

قرآن ڏانهن سڏڻ - جاري رهندڙ صدقو

ڪنهن انسان جي سڀ کان وڏي خدمت ۽ ان سان تمام وڏي همدردي ان ڪانسواءِ ٻي ڪا به نٿي ٿي سگهي ته توهان ان کي الله تعاليٰ جي ڏمر ۽ سندس باهه واري عذاب کان بچائي الله جي رضامندي ۽ ان جي بهشت کي ويجهو ڪريو. دنيا جي بک ۽ اڃ دنيا واري زندگيءَ جي ختم ٿيڻ سان ختم ٿي ويندي. هتان جو هر ڏک سور، مصيبتون، پريشانيون اوير يا سوير پوريون ٿي

وينديون پر آخرت جي بک ۾ اڄ کڏهن به ختم ڪونه ٿيندي. اتان جي ڏک سور کان ڪڏهن به ڇوٽڪارو نه ملندو. اتي ڪنڊن وارو ڪاڏو، رت، پونءِ ۾ ٽڇڪندڙ پاڻيءَ جا ڍڪ هميشه جو نصيب بڻجي ويندا. تنهن ڪري ڪنهن کي به آخرت جي ڪاميابي ۾ پلائيءَ ڏانهن ويجهو ڪرڻ کان وڌيڪ انسانذات جي لاءِ ٻي ڪابه نيڪي نٿي ٿي سگهي. اجا به ڪنهن کي برائين ۾ گناهن جي اونداهين مان ڪڍي نور ۾ ڀلائيءَ جي واٽ تي لڳائڻ سان ته ان جي نيڪين ۾ ڀلائين جو ثواب توهان کي به ملندو رهندو. ماڻهن لاءِ سڀ کان وڏي خيرخواهي هي آهي ته انهن کي اونداهيءَ مان ڪڍي روشنيءَ جي طرف آندو وڃي. جيڪي به ماڻهو انهيءَ مقصد لاءِ ڪابه ڪوشش ونن ٿا ته اهي وڏا خوشنصيب آهن، ڇوته قرآن مجيد ۾ ٻڌايل آهي ته الله انهن ماڻهن کي پنهنجو دوست بڻائي ٿو جيڪي ماڻهن کي اونداهيءَ مان روشنيءَ جي طرف وٺي اچن ٿا. قرآن مجيد روشنيءَ جو وڏو ڀنڊار آهي. جيڪي ماڻهو قرآن سمجهي پڙهن ٿا سي الله جي عطا ڪيل روشنيءَ سان منور ٿي وڃن ٿا. انهيءَ ڪري قرآن مجيد پاڻ پڙهو، اولاد کي پڙهايو ۾ پنهنجي چوڌاري ماڻهن تائين رسايو ته اها وڏي سعادت آهي.

حضرت ابو هريره ﵁ جي روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو:

”مرڻ کان پوءِ انسان جي عملن جي ثواب جو سلسلو ختم ٿي ويندو آهي سواءِ ٽن شين جي جن جو ثواب ميت کي ملندو رهندو آهي. (1) جاري رهندڙ صدقو (2) ماڻهن کي فائدو پهچائيندڙ علم ۾ (3) (نيڪ) اولاد جيڪا (مري ويل) پيءُ ماءُ جي لاءِ الله تعاليٰ کان بخشش گهرندي رهي.“ (مسلم)

امر بالمعروف ۾ نهي عن المنڪر جون فضيلتون

(قرآني آيتن جي روشنيءَ ۾)

ڀلي ۾ ڀلي امت جو لقب

كُنتُمْ خَيْرَ أُمَّةٍ أُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَأْمُرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنكَرِ وَتُؤْمِنُونَ بِاللَّهِ... ﴿آل عمران: 110﴾

”هاڻي دنيا ۾ اها ڀلي جماعت توهان آهيو جنهن کي انسانن (جي هدايت ۾ سڌاري) لاءِ ميدان ۾ آندو ويو آهي. توهان نيڪيءَ جو حڪم ڪندا آهيو، بڇڙائيءَ کان روڪيندا آهيو ۾ هڪ الله تي ايمان رکندا آهيو...“

مٿي قرآن حڪيم ڀلي هئڻ جو شرط هيءَ ٻڌايو آهي ته اوهان ٻين کي به چڱاين جي طرف سڏيندؤ ۾ مداين کان روڪيندؤ. جي اها صفت اوهان ۾ ڪونهي ته ڀلي هئڻ جو ٻيو ڪوبه معيار نلو آهي. وري هيٺ ڏنل آيت ۾ نيڪوڪاريءَ جو معيار به

ساڳيو ٻڌايل آهي.

الله تعاليٰ جي نظر ۾ نيڪوڪار انسان

يُؤْمِنُونَ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ وَيَأْمُرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنكَرِ وَيُسَارِعُونَ فِي الْخَيْرَاتِ وَأُولَٰئِكَ مِنَ الصَّالِحِينَ ﴿آل عمران: 114﴾

"(جيڪي ماڻهو) الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکندا آهن، سي نيڪيءَ جو حڪم ڏيندا آهن، برائين کان روڪيندا آهن ۽ ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ سرگرم رهندا آهن، اهي ئي سڌاري وارا (نيڪ) انسان آهن."

چوٽڪارو ماڻڻ وارا ماڻهو

وَلْتَكُن مِّنكُمْ أُمَّةٌ يَدْعُونَ إِلَى الْخَيْرِ وَيَأْمُرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنكَرِ وَأُولَٰئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُونَ ﴿آل عمران: 104﴾

"توهان مان ڪي جماعتون ته اهڙيون ضرور هئڻ گهرجن جيڪي (ماڻهن کي) نيڪيءَ ڏانهن سڏين، چڱائيءَ جو حڪم ڪن ۽ برائيءَ کان روڪين. جيڪي ماڻهو اهي ڪم ڪندا، سي ئي ڪامياب ٿيندا."

بهشت جي خوشخبري ماڻڻ وارا ماڻهو

وَالْمُؤْمِنُونَ وَالْمُؤْمِنَاتُ بَعْضُهُمْ أَوْلِيَاءُ بَعْضٍ يَأْمُرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنكَرِ وَيُقِيمُونَ الصَّلَاةَ وَيُؤْتُونَ الزَّكَاةَ وَيُطِيعُونَ اللَّهَ وَرَسُولَهُ أُولَٰئِكَ سَيَرْحَمُهُمُ اللَّهُ إِنَّ اللَّهَ عَزِيزٌ حَكِيمٌ ﴿التوبة: 71﴾

"مومن مرد ۽ مومن عورتون اهي سيئي هڪ ٻئي سان دوست آهن. نيڪيءَ جو حڪم ڏيندا آهن ۽ برائيءَ کان روڪيندا آهن. نماز قائم ڪندا آهن، زڪوات ڏيندا آهن ۽ الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي اطاعت ڪندا آهن. هي اهي ماڻهو آهن جن تي الله جي رحمت ضرور نازل ٿيندي. پڪ سان الله سيني تي سوڀارو، حڪيم ۽ داناءُ آهي."

سڌارو ڪرڻ وارن تي عذاب نٿو اچي

التَّائِبُونَ الْعَابِدُونَ الْحَامِدُونَ السَّائِحُونَ الرَّاكِعُونَ السَّاجِدُونَ الْآمِرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَالنَّاهُونَ عَنِ الْمُنكَرِ وَالْحَافِظُونَ لِحُدُودِ اللَّهِ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِينَ ﴿التوبة: 112﴾

"الله ڏانهن هر هر (گناهن کان توبه ڪري) موٽي اچڻ وارا، ان جي ٻانهپ ڪرڻ وارا، ان جي واکاڻ جا ڳڻ ڳائڻ وارا، ان جي (رضامندي حاصل ڪرڻ) لاءِ زمين ۾ گهمڻ ڦرڻ وارا، ان جي اڳيان رڪوع ۽ سجدا ڪرڻ وارا، نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻ وارا ۽ الله جي حدن جي حفاظت ڪرڻ وارا (اهڙي ته شان وارا هوندا آهن جو اهي مومن جيڪي الله سان ڏيتي ليتيءَ جو معاملو ڪندا آهن). ۽ اي نبي (ﷺ)! انهن مومنن کي خوشخبري ڏئي ڇڏ."

سڌارو ڪرڻ وارن تي عذاب نٿو اچي

وَمَا كَانَ رَبُّكَ لِيُهْلِكَ الْقُرَىٰ بِظُلْمٍ وَأَهْلُهَا مُصْلِحُونَ ﴿هود: 117﴾

"تنهنجو پالڻهار اهڙو نہ آهي جو وسندين کي ناحق تباهہ ڪري ڇڏي، جڏهن تہ اتان جا رهندڙ سڌارو ڪندڙ هجن."

جهيڙيندڙن کان مڙي وڃڻ

خُذِ الْعَفْوَ وَأْمُرْ بِالْعُرْفِ وَأَعْرِضْ عَنِ الْجَاهِلِينَ ﴿الأعراف: 199﴾

"اي محمد (ﷺ)! معافي ۾ مڙي وڃڻ وارو طريقو پنهنجايو ۽ نيڪ ڪم ڪرڻ جي تاڪيد ڪندا رهو ۽ جاهلن سان نہ اٽڪجو."

حڪومت جي ذميواري

الَّذِينَ إِن مَّكَّنَّاهُمْ فِي الْأَرْضِ أَقَامُوا الصَّلَاةَ وَآتَوُا الزَّكَاةَ وَأَمَرُوا بِالْمَعْرُوفِ وَنَهَوْا عَنِ الْمُنكَرِ وَلِلَّهِ عَاقِبَةُ الْأُمُورِ ﴿الحج: 41﴾

"هي اهي ماڻهو آهن جن کي جيڪڏهن اسان زمين ۾ اقتدار ڏيون تہ اهي نماز قائم ڪندا، زڪوات ڏيندا ۽ نيڪيءَ جو حڪم ڏيندا ۽ برائيءَ کان روڪيندا ۽ سمورن معاملن جو نتيجو الله تعاليٰ جي ئي هٿ ۾ آهي."

چوڪارو ماڻڻ وارا ماڻهو

فَلَمَّا نَسُوا مَا ذُكِّرُوا بِهِ أَنجَيْنَا الَّذِينَ يَنْهَوْنَ عَنِ السُّوءِ وَأَخَذْنَا الَّذِينَ ظَلَمُوا بِعَذَابٍ بَئِيسٍ بِمَا كَانُوا يَفْسُقُونَ ﴿الأعراف: 165﴾

"پوءِ اسان انهن کي ڇوٽڪارو ڏياريو جيڪي برائيءَ کان روڪيندا هئا ۽ انهن کي بڇڙي عذاب ۾ پڪڙيوسون جن ظلم ڪيو، ڇو جو اهي نافرمان هئا."

ماڻهن جي اهم ذميواري

فَلَوْلَا نَفَرَ مِن كُلِّ فِرْقَةٍ مِّنْهُمْ طَائِفَةٌ لِّيَتَفَقَّهُوا فِي الدِّينِ وَلِيُنذِرُوا قَوْمَهُمْ إِذَا رَجَعُوا إِلَيْهِمْ لَعَلَّهُمْ يَحْذَرُونَ ﴿التوبة: 122﴾

"پوءِ (مسلمانن جي) جماعت مان ڪي ماڻهو هن لاءِ ڇونہ نڪرندا آهن تہ دين ۾ عالم ٿين ۽ موٽي وڃي پنهنجي علائقي جي ماڻهن کي ڊيڄارين تہ جيئن اهي (ڪافرائي روش) کان مڙي وڃن."

دنيا جي سزائن کان بچي وڃڻ وارا

فَلَوْلَا كَانَ مِنَ الْقُرُونِ مِن قَبْلِكُمْ أُولُو بَقِيَّةٍ يَنْهَوْنَ عَنِ الْفَسَادِ فِي الْأَرْضِ إِلَّا قَلِيلًا مِّمَّنْ أَنجَيْنَا مِنْهُمْ ... ﴿هود: 116﴾

”پوءِ اوهان کان اڳ گذري ويل قومن مان اهڙا سمجهه ڀريا (۽ نيڪ انسان) ڇو نہ ٿيا جو (ماڻهن کي) ملڪ ۾ فساد (وجهڻ) کان جهلين ها پر ڪي ٿورڙا ٿيا جن کي منجهانئن بچايوسون...“

تبليغ جي واٽ ۾ صبر جي نصيحت

وَأْمُرْ بِالْمَعْرُوفِ وَانْهَ عَنِ الْمُنكَرِ وَاصْبِرْ عَلَىٰ مَا أَصَابَكَ إِنَّ ذَٰلِكَ مِنْ عَزْمِ الْأُمُورِ ﴿لقمان:17﴾

”۽ نيڪيءَ جو حڪم ڏي ۽ برائيءَ کان روڪ ۽ انهيءَ واٽ ۾ جيڪي بہ مصيبتون اچن تن کي صبر سان سهندو رهہ. بيشڪ اهي ڳالهيون همت وارن ڪمن مان آهن.“

دين جي دعوت

فَلِذَٰلِكَ فَادْعُ وَاسْتَقِمْ كَمَا أُمِرْتَ وَلَا تَتَّبِعْ أَهْوَاءَهُمْ ﴿الشورى:15﴾

”سو توهان (ﷺ) انهيءَ دين ڏانهن (ماڻهن کي) سڏيو جيئن توهان کي حڪم ڏنو ويو آهي. انهيءَ (ڪم) تي مضبوطيءَ سان ڄمي رهت ۽ انهن ماڻهن جي خواهشن جي ڪڍ نہ لڳو...“

نصيحت ڪريو

وَذَكِّرْ فَإِنَّ الذِّكْرَىٰ تَنفَعُ الْمُؤْمِنِينَ ﴿الذاريات:55﴾

”۽ نصيحت ڪريو، بيشڪ نصيحت ايمان وارن کي فائدو ڏيندي.“

قرآن جي وسيلي سان خبردار ڪرڻ

فَذَكِّرْ بِالْقُرْآنِ مَن يَخَافُ وَعِيدِ ﴿ق:45﴾

”سو هن قرآن جي وسيلي سان انهن ماڻهن کي نصيحت ڪر جيڪي منهنجي دڙڪي سان ڊڄندا آهن.“

قرآن جي ذريعي سڌاري جون ڪوششون وڏيڪ ڪامياب ٿين ٿيون. قرآن براه راست الله جي نصيحت ۽ سمجهاڻي آهي، انهيءَ جو اعجاز ۽ برڪت اهڙي آهي جو ماڻهوءَ جي دل ۽ روح سان الله جو ڪلام مخاطب ٿئي ٿو ۽ ان جا اثر ظاهر ٿين ٿا. قرآن کي ترجمي سان پڙهڻ جي دعوت ڏيڻ بہ آسان آهي. ماڻهو پنهنجي آمدني ۽ وسيلن جو هڪ حصو هميشہ واسطي انهيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏي تہ قرآن مجيد جا ترجما پاڻ يا پنهنجي سنگت جي ذريعي پنهنجي پاڙي ۾، پنهنجي شهر ۾، ڇوڏاري آبادين ۽ ڳوٺن ۾ دوستن ذريعي يا مسجد پيش امامن جي ذريعي ماڻهن تائين پهچائيندو. جن گهرن ۾ قرآن مجيد پهچندو اتي ڪونہ ڪو ان کي ضرور پڙهندو ۽ قرآن جي ذريعي اهو هدايت وارو ٿيندو تہ اها ماڻهوءَ جي لاءِ وڏي نيڪي ۽ عمل آهي.

امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر نہ ڪرڻ جا نقصان
(قرآني آيتن جي روشنيءَ ۾)

الله تعاليٰ جي لعنت جا حقدار

”بني اسرائيل مان جن ماڻهن ڪفر واري واٽ ورتي انهن تي داؤد عليه السلام ۽ عيسيٰ عليه السلام جي زبان سان لعنت ڪئي وئي، ڇو جو اهي سرڪش ٿي ويا هئا ۽ ڏاڍايون ڪرڻ لڳا هئا. انهن هڪ ٻئي کي برن عملن ڪرڻ کان روڪڻ ڇڏي ڏنو هو. انهن جيڪا روش اختيار ڪئي هئي سا بڇڙي هئي.“ (سورة المائده: 79-78)

الله جي ناراضگيءَ جا حقدار

”ڇو نہ مشائخ ۽ عالم ڪين سندن ڪُوڙ ڳالهائڻ ۽ سندن حرامخوريءَ کان جهليندا آهن؟ جيڪي پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪندا آهن سو ضرور بڇڙو آهي.“ (المائده : 63)

امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جي ذميواري
(حديثن جي روشنيءَ ۾)

امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جي اهميت

ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: ”جڏهن بني اسرائيل الله تعاليٰ جي نافرمانيءَ وارا ڪم ڪرڻ لڳا تہ انهن جي عالمن انهن کي روڪيو، پر اهي نہ مڙيا تہ انهن جا عالم (انهن جو بائيڪاٽ ڪرڻ بدران) سندن مجلسن ۾ ويهڻ ۽ ساڻن کائڻ پيئڻ لڳا. جڏهن ائين ٿيو تہ الله تعاليٰ انهن سيني جي دلين کي هڪجهڙو ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ داؤد عليه السلام ۽ عيسيٰ عليه السلام جي زبان سان الله تعاليٰ انهن مٿان لعنت ڪئي. اهو ان ڪري ٿيو جو انهن نافرمانيءَ واري واٽ ورتي ۽ ان ۾ وڌندا رهيا.“ عبدالله ابن مسعود رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن ٽيڪ ڏيو ويٺا هئا، پوءِ سڌو ٿي ويهي رهيا ۽ فرمايائون: ”نہ! ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجو ساهہ آهي تہ توهان ضرور ماڻهن کي نيڪيءَ جو حڪم ڏيندا رهندؤ ۽ برائين کان روڪيندا رهندؤ ۽ ظالم جو هٿ جهليندؤ ۽ ظالم کي حق اڳيان نوائيندؤ. جيڪڏهن توهان ائين نہ ڪندؤ تہ توهان سيني جون دليون بہ هڪ جهڙيون ٿي ينديون ۽ پوءِ الله تعاليٰ توهان کي پنهنجي ٻاجهہ ۽ هدايت کان پري اڇلائي ڦٽو ڪندو جيئن هن بني اسرائيل وارن سان ڪيو هو.“ (مشڪواة)

برائين کان روڪڻ- هڪ ذميواري

نعمان بن بشير رضي الله عنه فرمائي ٿو ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: ”جيڪو ماڻهو الله تعاليٰ جي حڪمن کي لتاڙي ٿو ۽ جيڪو ماڻهو الله تعاليٰ جي حڪمن جي لتاڙ ٿيندي ڏسي ٿو پر انهيءَ کان ماڻهن کي نٿو روڪي ۽ انهن سان گڏجي سڏجي رهي ٿو (۽ ڪائي پيئي ٿو)، انهن ٻنهي جو مثال ايئن آهي جيئن ڪن ماڻهن هڪ ٻيڙي ورتي ۽ ڪٺو وڌو. انهيءَ ٻيڙيءَ ۾ هيٺ ۽ مٿي طبقا ٺهيل آهن. ڪي ماڻهو مٿئين پاڳي ۾ ويئا ۽ ڪي هيٺئين پاڳي ۾. پوءِ جيڪي هيٺئين پاڳي ۾ ويئا آهن سي پاڻيءَ جي لاءِ مٿين پاڳي وارن وٽان لنگهن ٿا ته جيئن سمنڊ مان پاڻي ڀري وٺن پر مٿين کي انهيءَ تي ارهائي ٿئي ٿي. آخرڪار هيٺئين پاڳي وارن ماڻهن ڪهاڙو کنيو ۽ ٻيڙي جي تري کي ٽوڙڻ لڳا. مٿئين پاڳي وارا ماڻهو آيا ۽ پڇيائون ته توهان هي ڇا ڪري رهيا آهيو؟ انهن چيو ته اسان کي پاڻيءَ جي گهرج آهي ۽ سمنڊ جو پاڻي مٿي وڃي ئي ڀري سگهجي ٿو، پر توهان کي اسان جي اچ وڃ سبب ارهائي ٿئي ٿي، سو هاڻي اسان ٻيڙيءَ جي ڦٽن کي ڀڃي سمنڊ مان پاڻي ڪٽندا سين.“ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن هي مثال بيان ڪرڻ کان پوءِ فرمايو: ”جيڪڏهن مٿيان هيٺين جو هٿ پڪڙي وٺن ٿا ۽ سوراخ ڪرڻ کان روڪي ڇڏين ٿا ته انهن کي به ٻڏڻ کان بچائي وٺندا ۽ پنهنجو پاڻ کي پڻ بچائي وٺندا، پر جيڪڏهن انهن کي انهيءَ حرڪت کان نٿا روڪين ۽ ڪن لاٽار ڪندا ته انهن کي به ٻوڙيندا ۽ پاڻ به ٻڏندا.“ (بخاري)

پاڙيسرين کي دين جي تعليم ڏيڻ

رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: ”ائين ڇو آهي ته ڪي ماڻهو پنهنجي پاڙيسرين ۾ ديني سمجهه پيدا نٿا ڪن ۽ انهن کي تعليم نٿا ڏين ۽ دين کان اڻڄاڻائيءَ جي اُگرن نتيجن بابت انهن کي نٿا ٻڌائين ۽ انهن کي بڇڙن ڪمن کان نٿا روڪين؟ ۽ ايئن ڇو آهي ته ڪي ماڻهو پنهنجي پاڙيسرين وٽان دين جون ڳالهيون نٿا سکن ۽ پنهنجي اندر ديني سمجهه پيدا نٿا ڪن ۽ نه ڪِي دين کي نه سمجهڻ جي عبرتناڪ نتيجن کي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا؟ قسم آهي الله جي ذات جو! ماڻهو پنهنجي پاڙيسرين کي ضرور تعليم ڏين، انهن جي اندر ديني سمجهه پيدا ڪن، انهن کي چڱيون ڳالهيون ٻڌائين ۽ انهن کي برين ڳالهين کان روڪين. ان سان گڏوگڏ ماڻهن کي پنهنجي پاڙيسرين وٽان دين سکڻو پوندو، دين جي سمجهه پيدا ڪرڻي پوندي، انهن جي وعظ ۽ نصيحت کي قبول ڪرڻو پوندو نه ته مان انهن کي جلد سزا ڏياريندس.“ (طبراني)

دين جا محافظ

معاويه رضي الله عنه فرمائي ٿو ته رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو: ”منهنجي امت ۾ سدائين هڪ اهڙي جماعت موجود رهندي جيڪا دين جي محافظ هوندي. جيڪي ماڻهو انهن جو ساٿ نه ڏيندا سي ان کي تباهه نه ڪري سگهندا ايستائين جو الله تعاليٰ جو فيصلو اچي ويندو ۽ اهي دين جا محافظ پنهنجي ساڳي ئي حالت تي قائم رهندا.“ (بخاري ۽ مسلم)

اسلام کي جيئارڻ وارا

حضرت عمرو بن عوفؓ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: ”دين پنهنجي شروعاتي زماني ۾ ماڻهن لاءِ اوپرو هو ۽ جلد ئي اهو اڳي وانگر ئي اوپرو ٿي ويندو سو اوپرن لاءِ خوشخبري آهي ۽ هي اهي ماڻهو آهن جيڪي مون کان پوءِ منهنجي طريقن کي، جن کي ماڻهن بگاڙي ڇڏيو هوندو، جيئارڻ لاءِ اٿندا.“ (مشڪواة)

رسول الله ﷺ جو هدايت وارو پيغام

عمر بن عبسهؓ فرمائي ٿو ته مون رسول الله ﷺ کان پڇيو: ”الله تعاليٰ توهان کي ڪهڙو پيغام ڏئي موڪليو آهي؟“ پاڻ فرمايائون: ”مون کي الله تعاليٰ انهيءَ مقصد سان موڪليو آهي ته مان ماڻهن کي صله رحمي (مٽن مائٽن سان سهڻو سلوڪ اختيار ڪرڻ) جي تعليم ڏيان، بت پرستيءَ جو خاتمو ڪريان، الله تعاليٰ جي توحيد اختيار ڪريان ۽ ان سان ڪنهن کي به ڀائيوار نه ڪريان.“ (مسلم)

رستي جو حق

ابي سعيدؓ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: ”جيڪڏهن توهان رستي ۾ ويهڻ گهرو ٿا ته رستي جو حق ادا ڪريو.“ اصحاب سڳورن عرض ڪيو: ”رستي جو حق ڇا آهي؟“ پاڻ ﷺ جن فرمايو: ”نظرون جهڪيون رکڻ، ايذائيندڙ شين کي رستي تان هٽائڻ، سلام جو جواب ڏيڻ، نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻ ۽ برائين کان روڪڻ.“ (مسلم)

وعظ نصيحت کان منهن موڙڻ جو انجام

رسول الله ﷺ مسجد ۾ ويٺل هئا ۽ اصحابي سڳورا (به) وٽن ويٺل هئا. ايتري ۾ ٽي ماڻهو آيا. انهن مان ٻه رسول الله ﷺ وٽ هليا آيا ۽ هڪ واپس موٽي ويو. جڏهن رسول الله ﷺ جن واندا ٿيا ته فرمايائون: ”ڇا توهان کي انهن ٽنهي ماڻهن جي باري ۾ نه ٻڌايان؟ انهن مان هڪ الله کان پناهه گهري ته الله ان کي پناهه ڏني ۽ ٻئي حياءُ ڪيو ته الله تعاليٰ به ان کان حياءُ ڪيو ۽ ٽئين (وعظ نصيحت ٻڌڻ کان) منهن موڙيو ته الله تعاليٰ به ان کان منهن ڦيري ڇڏيو.“ (مسلم)

بي عمل داعيءَ جو انجام

زيد بن حارثهؓ کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ فرمايو: ”قيامت جي ڏينهن هڪ ماڻهوءَ کي آندو ويندو ۽ باهه ۾ وڌو ويندو. سو ان جا آنڊا ٻاهر نڪري ايندا. هو انهن کي ڪٺي ايئن ڦرندو جيئن گڏهه جانڊهه ۾ ڦرندو آهي. سو ان جي چوڦير جهنمي ماڻهو گڏ ٿي ويندا ۽ چوندا ته: ”اي فلاڻا! تو کي ڇا ٿيو آهي؟ ڇا تون نيڪيءَ جو حڪم نه ڏيندو هئين ۽ برائيءَ کان نه روڪيندو هئين؟“ هو چوندو: ”هائو، بلڪل(مان اهو ئي آهيان)، پر (منهنجو حال هيءُ هو جو) مان ماڻهن کي ته نيڪيءَ جو حڪم ڏيندو هئس پر پاڻ نه ڪندو هئس ۽ ٻين کي برائيءَ کان روڪيندو هئس، پر پاڻ اهو ئي ڪم ڪندو هئس.“ (بخاري ۽ مسلم)

الله جو عذاب

ابوبڪر رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: "ماڻهو جڏهن شريعت جي خلاف ڪم ڏسن پر ان کي نه روڪين ته جلد ئي الله تعاليٰ انهن مٿان عذاب نازل ڪندو." (ابن ماجه. ترمذي)

ڇوٽڪارو ماڻڻ وارا

عمر بن خطاب رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: "هڪ اهو ماڻهو آهي جنهن الله تعاليٰ جي دين کي سچاتو ۽ ان تي خاموش رهيو. جيڪڏهن هو ڏسي ٿو ته ڪو ماڻهو نيڪ ڪم ڪري ٿو ته هو ان سان محبت ڪرڻ لڳي ٿو ۽ جيڪڏهن ڏسي ٿو ته ڪو ماڻهو برائيءَ جو ڪم ڪري ٿو ته ان جي ڪري هو ان سان نفرت ڪرڻ لڳي ٿو. هي اهو ماڻهو آهي جيڪو ڀلائيءَ جي محبت ۽ باطل کان نفرت سبب ڇوٽڪارو ماڻيندو." (بيهقي)

سدائين حق ڳالهه چئو

ابوذر رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ مون کي نصيحت ڪئي ته "مان الله جي (دين جي معاملي ۾) ڪنهن (به) ملامت ڪرڻ واري جي ملامت کان نه ڊڄان ۽ سدائين حق واري ڳالهه ڪريان، پوءِ ڀلي ڪنهن کي نه وڻي." (ابن حبان)

مسلمان جي حيثيت ۾ منهنجي ذميواري

عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: "منهنجي پاران دين جون ڳالهيون ٻين تائين پهچايو پوءِ ڀلي ڇونه هڪ آيت ئي هجي." (بخاري)

ماڻهن کان نه ڊڄو

ابوسعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ خطبو ڏيڻ لاءِ اٿي بيٺا ۽ فرمايائون: "خبردار! ڪنهن ماڻهوءَ جو ڊپ ماڻهن کي حق واري ڳالهه چوڻ کان نه روڪي، جڏهن ان کي (دين جي ڳالهين جي) خبر (به) هجي." (ابن ماجه)

دين جو ڪم ڪرڻ وارن لاءِ الله جي حفاظت

عبدالله بن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: "جماعت مٿان الله جو هٿ آهي." (ترمذي)

امر بالمعروف تي عمل ڪرڻ گناهن جو ڪفارو آهي

ابوذر رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: "الله کان ڊڄو پوءِ ڪٿي به هجو. (ڪا) برائي (ٿي وڃي ته ان) کان پوءِ نيڪي ڪريو جو اها برائيءَ کي ڌوئي ڇڏيندي ۽ ماڻهن سان سهڻي اخلاق سان پيش اچو." (ترمذي)

امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر صدقو آهي

ابوذر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: ”امر بالمعروف صدقو آهي ۽ نهي عن المنڪر بہ صدقو آهي.“ (مسلم)

گناهن کي برو سمجهو

عرس بن عميره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: ”جڏهن ڪنهن جاءِ تي گناهہ ڪيو ويندو آهي تہ جنهن ماڻهو ان کي ڏٺو ۽ دل سان بڇڙو سمجهيو ۽ ٻيو پيرو پاڻﷺ فرمايو تہ جنهن ان کي ٿيندي ڏٺو ۽ ان کي برو لڳو، اهو ايئن آهي ڄڻ تہ هن گناهہ ٿيندي ڏٺو ئي ڪونہ (تنهن ڪري هو گناهہ کان آجو ٿي ويو) ۽ جنهن اهو گناهہ ٿيندي نہ ڏٺو پر (ٻڌي ڪري) خوش ٿيو سو ايئن آهي جيئن هو پاڻ اتي موجود هو (تنهن ڪري هو گنهگار ليکيو ويندو.)“ (ابوداؤد)

حجة الوداع جي موقعي تي امر بالمعروف لاءِ حڪم

ابوبڪر رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ (منيٰ ۾ 10 ذي الحج تي) رسول اللهﷺ پنهنجي اٺ تي ويٺل هئا. هڪ ماڻهو اٺ جي مهار جهلي بيٺو هو. پاڻﷺ جن فرمايو: ”جيڪو هتي موجود آهي سو انهن تائين منهنجا هي حڪم پهچائي جيڪي هتي موجود نہ آهن. ممڪن آهي تہ جيڪو ماڻهو هتي موجود آهي سو ڪنهن اهڙي ماڻهو تائين هيءُ حڪم پهچائي جيڪو پهچائيندڙ کان وڌيڪ ياد رکندڙ هجي.“

ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ وارن جو اجر

عبدالله بن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: ”توهان مون کان علم (جون ڳالهيون) ٻڌندا آهيو ۽ اڳتي وري ماڻهو توهان کان ٻڌندا ۽ جيڪي توهان کان ٻڌندا انهن کي اڳتي ٻُڌو ويندو (۽ اهي سيئي ان جي اجر ۽ ثواب ۾ ڀائيوار هوندا).“ (ابوداؤد)

امر بالمعروف فتني کي متائڻ جو سبب

حذيفہ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: ”ماڻهوءَ جي زال ۾، ان جي مال ۾، ان جي سر ساهہ ۾، ان جي اولاد ۾ ۽ ان جي پاڙيسريءَ ۾ فتنو آهي جنهن کي نماز، روزو، صدقو ۽ امربالمعروف ۽ نهي عن المنڪر ميٽي ڇڏين ٿا.“ (مسلم)

برائين کان روڪڻ تي اجر ۽ ثواب

ابوعبدالرحمٰن بن حضرمي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: ”منهنجي امت مان ڪي ماڻهو اهڙا هوندا جن کي پهرين جيترو اجر ۽ ثواب ڏنو ويندو. هِي اُهي ماڻهو هوندا جيڪي (ٻين کي) برائيءَ کان روڪيندا.“ (احمد)

ماڻهن جي رهنمائي واجب آهي

سهل بن سعد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: الله جو قسم! جيڪڏهن

توهان جي رهنمائيءَ سان الله تعاليٰ هڪڙي ماڻهوءَ کي بہ هدايت ڏئي ڇڏي تہ اها ڳالهہ تنهنجي لاءِ ڳاڙهن اُٺن کان ڀلي آهي.“ (بخاري)

نيڪي پکيڙڻ جو موقعو نہ وڃايو

ابو مسعود انصاريؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: ”جنهن ڪنهن ڪي نيڪيءَ جي ڳالهہ ٻڌائي تہ ان کي ايترو ئي ثواب ملندو جيترو نيڪيءَ تي عمل ڪرڻ واري کي ملندو.“ (مسلم)

نيڪي ۽ برائيءَ جون ڪنجيون

انس بن مالڪؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: ”ماڻهن مان ڪي ماڻهو نيڪيءَ جون ڪنجيون آهن ۽ برائيءَ کي روڪيندڙ آهن ۽ ڪي برائين جون ڪنجيون آهن ۽ نيڪيءَ کي روڪيندڙ آهن. مبارڪ هجي ان ماڻهوءَ کي جنهن جي هٿ سان الله تعاليٰ نيڪيءَ جا دروازا کولي ۽ بربادي هجي ان ماڻهوءَ لاءِ جنهن جي هٿ سان برائيءَ جا دروازا کوليا ويا.“ (ابن ماجہ)

بري ڪم کان نہ رڪجڻ جو نتيجو

جريرؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: ”جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن قوم ۾ برائيءَ جا ڪم ڪندو هجي ۽ ٻيا ماڻهو ان کي روڪڻ تي وس وارا هجن پر پوءِ بہ نہ روڪين تہ اهڙن ماڻهن تي الله تعاليٰ مرڻ کان اڳ ۾ ئي عذاب نازل ڪندو.“ (ابوداؤد)

برائين کان نہ روڪڻ وارن جي دعا قبول نٿي ٿئي

عائشہؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: ”اي انسانؤ! نيڪيءَ جو حڪم ڏيو ۽ برائيءَ کان روڪيو ان کان اڳ جو توهان دعائون گهرو ۽ توهان جون دعائون قبول نہ ڪيون وڃن.“ (ابن ماجہ)

عام عذاب

عبيد الله بن جريرؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: ”جنهن قوم ۾ گناهہ ڪيا ويندا هجن ۽ گناهہ ڪرڻ وارا نيڪ ماڻهن کان وڌيڪ عزت وارا هجن جو انهن جي عزت ڪرڻ ڪري نيڪ ماڻهو انهن کي روڪي نہ سگهن تہ انهن سڀني تي الله تعاليٰ عام عذاب نازل ڪندو.“ (ابن ماجہ)

برائين کان روڪڻ وارو ڇُٽي ويو

ابو سعيدؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: ”توهان مان جنهن برائيءَ کي ڏٺو ۽ ان کي هٿ سان روڪي ورتو تہ هو (انهيءَ گناهہ کان) ڇُٽي ويو ۽ جنهن کي هٿ سان روڪڻ جي طاقت نہ آهي، پر هن زبان سان روڪي ورتو تہ اهو بہ ڇُٽي ويو ۽ جنهن کي زبان سان

بہ روڪڻ جي طاقت نہ آهي پر ان کي دل ۾ برو سمجهيو تہ اهو بہ ڇُٽي ويو. ۽ اهو ايمان جو سڀ کان ڪمزور درجو آهي.” (نسائي)

ماڻهن کي نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻ واري تي ريس جائز آهي

عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: “ٻن ماڻهن کانسواءِ ٻئي ڪنهن تي ريس ڪرڻ جائز نہ آهي. هڪ اهو ماڻهو جنهن کي الله تعاليٰ مال ڏنو هجي ۽ هو ان کي حق جي واٽ ۾ بي حساب خرچ ڪندو هجي، ٻيو اهو ماڻهو جنهن کي الله تعاليٰ حڪمت عطا فرمائي هجي ۽ هو ان سان ماڻهن کي (نيڪيءَ جو) حڪم ڏئي ۽ ماڻهن کي سيڪاري.” (مسلم)

مائٽن ۽ ڏارين کي تبليغ

عباده بن صامت رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: “ويجهن (يعني مٽن مائٽن) ۽ پري وارن (يعني ڏارين) ۾ الله جي حدن کي قائم ڪريو ۽ الله جا حڪم نافذ ڪرڻ ۾ توهان کي ڪنهن ملامت ڪرڻ واري جي ملامت کان ڊڄڻ نہ گهرجي.” (ابن ماجہ)

سڀ کان بڇڙو عمل

خشعم قبيلي جي هڪ ماڻهوءَ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ عرض ڪيم: “اي الله جا رسول (ﷺ)! اهو ڪهڙو عمل آهي جنهن کان الله تعاليٰ کي سخت ناراضگي آهي؟” پاڻ ﷺ فرمايو: “الله سان ڪنهن کي ڀائيوار ڪرڻ.” مون عرض ڪيو: “ان کان پوءِ؟” پاڻ ﷺ فرمايو: “مٽي مائٽي ڇنڻ.” مون عرض ڪيو تہ: “ان کان پوءِ؟” پاڻ ﷺ فرمايو: “برائيءَ جو حڪم ڏيڻ ۽ نيڪيءَ کان روڪڻ.” (ابو يعليٰ)

پنهنجو پاڻ کي ۽ گهروارن کي باهہ کان بچايو

ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جي مٿان جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي:

وَأَنذِرْ عَشِيرَتَكَ الْأَقْرَبِينَ ﴿الشعراء: 214﴾

“(اي محمد ﷺ !) پنهنجي ويجهن مائٽن کي ڊيڄار”

تہ پاڻ ﷺ جن اٿي بيٺا ۽ فرمايائون: “اي قريش جا ماڻهؤ! پنهنجا ساهہ بچايو (قيامت جي ڏينهن) الله تعاليٰ جي سامهون مان توهان جي ڪنهن بہ طرح سان ڪم نہ ايندس. اي عبدالمناف جي آڪهہ! (قيامت جي ڏينهن) مان الله تعاليٰ جي سامهون توهان کي ڪنهن بہ طرح ڪم اچي نہ سگهندس. اي (منهنجي ڦُڦي) صفيہ! مان الله تعاليٰ جي اڳيان تنهنجي ڪم اچي نہ سگهندس، اي (منهنجي نياڻي) فاطمہ بنت محمد (ﷺ)! (دنيا ۾) منهنجي مال مان جيڪو گهرجئي سو گُهر (پر قيامت جي ڏينهن) الله تعاليٰ جي سامهون مان تنهنجي ڪم اچي نہ سگهندس.” (بخاري)

مٿين حديث ۾ صاف ٻڌايل آهي تہ حسب نسب جي بنياد تي ڪنهن جو ڇوٽڪارو ڪونہ

ٿيندو. ماڻهو پنهنجي ڇوٽڪاري لاءِ الائي ڪهڙا آسرا رکيو ويٺا آهن. قرآن چوي ٿو ته ذري برابر نيڪيءَ جو اجورو ملندو ۽ ذري برابر بديءَ جي سزا ملندي ۽ پوءِ به مسلمان آخرت بابت پانت پانت جا آسرا پاليون ويٺا آهن، انهن تي حيرت ٿي ڪري سگهجي ٿي.

جاري رهندڙ صدقو يا جاري رهندڙ عذاب

ابو هريرهؓ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: ”جنهن ڪنهن ڪي نيڪيءَ ڏانهن سڏيو، تنهن لاءِ انهن سڀني ماڻهن جي اجر جيترو اجر آهي جيڪي انهيءَ نيڪيءَ تي عمل ڪندا ۽ عمل ڪرڻ وارن جي اجر ۾ ڪا به گهٽتائي نه ڪئي ويندي ۽ جنهن گمراهيءَ جي دعوت ڏني تنهن کي سمورن ماڻهن جي گناهه جيترو گناهه ٿيندو جيڪي (ان جي چوڻ تي) گناهه ڪندا ۽ انهن ماڻهن جي گناهن ۾ به ڪا گهٽتائي نه ڪئي ويندي.“ (مسلم)

نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻ ۽ برائين کان روڪڻ ۾ مدد ڪندڙ قرآني دعائون

رَبَّنَا لَا تُزِغْ قُلُوبَنَا بَعْدَ إِذْ هَدَيْتَنَا وَهَبْ لَنَا مِن لَّدُنكَ رَحْمَةً إِنَّكَ أَنتَ الْوَهَّابُ
﴿آل عمران: 8﴾

”اي اسان جا پالڻهار! جڏهن تو اسان کي هدايت ڏني ته هاڻي اسان جي دلين کي ڦير نه ۽ پاڻ وٽان خاص رحمت عطا فرماءِ. بيشڪ تون گهڻو بخشيندڙ آهين.“

...رَبِّ اشْرَحْ لِي صَدْرِي ○ وَيَسِّرْ لِي أَمْرِي ○ وَاحْلُلْ عُقْدَةً مِّن لِّسَانِي ○ يَفْقَهُوا قَوْلِي ○

﴿طه: 25-28﴾

”... اي منهنجا پالڻهار! منهنجو سينو کولي ڇڏ ۽ منهنجي لاءِ منهنجو ڪم سؤلو ڪري ڇڏ ۽ منهنجي زبان جي ڳنڍ کول ته جيئن ماڻهو منهنجي ڳالهه سمجهن.“

(هن ڪتاب جو ليکڪ ابوالفضل نور احمد ميمڻ آهي، پاڻ حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر آهي.)





















حڪمتِ قرآن اِنسٽيٽيوٽ

جامع مسجد رباني، هائي وي ڪالوني،
اسڪيم 33، نزد جمالي پُل، ڪراچي ايسٽ
فون: 0313-2707097